ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO -2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

هيپاٽائيٽس سي جي مريضن جي تعداد جي لحاظ کان پاڪستان دنيا ۾ پهرين نمبر تي اچي ويو

پاڪستان ۾ 3 ڪروڙ 24 لک شهري ذهني صحت ۽ هڪ ڪروڙ 29 لک ماڻهو هيپاٽائيٽس بي ۽ سي کان متاثر

وزارت صحت طرفان هيپاٽائيٽس، ايڇ آءِ وي/ايڊز ۽ ذهني صحت جي مسئلن بابت اڄ اڪر قومي اسيمبليءَ ۾ آڏو پيش. پاڪستان ۾ ذهني صحت جي مسئلن ۾ مبتلا ماڻهن جو تعداد 3.24 ملين کان وڌي ويو

اهو اڪ 2019ع ۾ 3 ڪروڙ هو. ڊيڄر 2023ع تائين وڌي 3 ڪروڙ 24 لک ٿي ويو. 2019ع ۾ ڪل ٿيل 2.4 ملين (24 لک) تائين وڌي ويو

اسلام آباد ۾ ذهني صحت جي مسئلن کي منهن ڏيندڙ شهرين جو تعداد 3 ڪروڙ کان وڌي ويو آهي ۽ پاڪستان کي ذهني مريضن جي علاج لاءِ ماهر ((psychiatrists جي سخت ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پنجهي رهيو آهي


سڄي پاڪستان ۾ ذهني مريضن لاءِ صرف 1,050 ماهر رجسٽرڊ آهن، هر 2 لک 45 هزار شهرين لاءِ صرف هڪ ماهر. پنجاب ۾ 406، سنڌ ۾ 228، خيبر پختونخوا ۾ 122 ۽ بلوچستان ۾ رڳو 44 ماهر ڊاڪٽر موجود

پاڪستان ۾ هيپاٽائيٽس سي جي مريضن جو تعداد 90 لک تائين پهچي ويو، 38 لک 60 هزار کان وڌيڪ ماڻهو هيپاٽائيٽس بي يا سي کان متاثر

سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي/ايڊز کان متاثر ماڻهن جو تعداد 1915، پنجاب ۾ 1776، خيبر پختونخوا ۾ 139 ۽ بلوچستان ۾ 46 ڪيس رپورٽ ٿيا. اسلام آباد ۾ 30، آزاد ڪشمير ۾ 4 ۽ گلگت بلتستان ۾ هڪ ماڻهو ايڇ آءِ وي سان متاثر

اسلام آباد (اسٽيٽرنگ ڊيسڪ) قومي صحت واري وزارت انڪشاف ڪيو آهي ته پاڪستان ۾ 25 ڪروڙ (250 ملين) آبادي مان 3 ڪروڙ 24 لک ماڻهو ذهني صحت جي مسئلن ۾ مبتلا آهن. هڪ ڪروڙ 29 لک (1.29 ملين) ماڻهو هيپاٽائيٽس بي ۽ سي (Hepatitis B and C) جو شڪار آهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2





قومي اسيمبليءَ جو اجلاس اڻڄاتل مدي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جو اجلاس اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪيو ويو آهي. جمعي ڏينهن قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ۽ سوالن جواب واري وقفي ۾ شامل ٿيا سمارٽ آفيشل ٿيا ويا. اڄ ڪان اڳ اجلاس 3 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وفاقي وزير اورنگزيب ڪهي مزار قائد ٻروچ جي اجلاس ۾ شرڪت آهي

ڪراچي ۾ پارٽي ٽڪيٽ نه ملڻ تي 11 پاڪستاني مهاڻا پهچي ويا، وارثن حوالي

لاهور جي واڻڪ ڀاربو ڊان ايڊي فائونڊيشن طرفان پاڪستاني مافيڪيز کي ڪراچي پهچائيو ويو

آزاد ٽيلي مهاڻن ۾ هڪ شخص ڪينيڊا ۾ ٻڌڪدر ۽ هڪ شخص آمريڪا ۾ رهائش پذير هو

پهچي ويا آهن. انهن مان آزاد ٽيلي 11 پاڪستاني مهاڻا لاهور جي واڻڪ ڀاربو ڊان ايڊي فائونڊيشن طرفان پاڪستاني مافيڪيز کي ڪراچي پهچائيو ويو



اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال گلدستي ۾ ڪٽاڻي رهيو آهي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پ پ پارٽي مخالف ٽر ڪي جوند سٽارن واري ڪميٽي ۾ شموليت جي باضابطا دعوت

مخالف ٽر آڪڙ محمود اڇڪزئي ۽ علام راجا ناصر عباس سان پ پ وفد جي ٻه ڏينهن جي پيرا ملاقات ڪئي

محمود اڇڪزئي ۽ علام راجا ناصر عباس سان صلاح مشوري لاءِ وقت ڪهري ورتو

ڪميٽي 2024 ۾ جي عام جوندن نئين جوندن، گلگٽ بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي ڇوندن ۽ مينا ڏاڏلين جو جائزو ونڊندي

مخالف ٽر جواب ڏيڻ لاءِ صلاح مشوري جو وقت ڪهريو آهي ۽ اميد آهي ته سندن طرفان ڪاري جواب ملندو: شيري رحمان

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو

پي ٽي آءِ گورنر راج ۽ ايمرجنسي سميت مسئلن جي حل لاءِ وفاقي سان ڳالهين جي حمايت ڪري ڇڏي

پارليامانين پارٽي جي اڪثريتي ميمبرن جي علي امين گنڈاپور کي به وفاقي سان ڳالهين واري عمل ۾ شامل ڪرڻ جي حمايت

پارليامانين پارٽي ڪورٽ راج ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي ڪانپوءِ ڪارڪنن طرفان احتجاج لاءِ ياهوءِ تي نڪرڻ واري فيصلي کي بهتر قرار ڏنو

سڀني ڳالهين ۾ جامع آهيون، وفاقي حڪومت رنجڻون ڪهڻائي ۽ گورنر راج توڙي ايمرجنسي ختم ڪري: شوڪت يوسفزئي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو



اسلام آباد: چيني سفير جيانگ زائي ڊونگ ۽ بيا ٻوٽ ڪنديءَ

پي پي ايل جي آفيسن جي منتقلي جو فيصلو انتظامي ۽ مالي ضرورتن تحت ڪيو ويو: طارق ڇوڙيرو

اسلام آباد (اي پي پي) مملڪتي وزير طارق ڇوڙيرو چيو آهي ته پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ (پي پي ايل) جي آفيسز جي منتقلي جي ميامليءَ جي ميوزيليٽ ڪمي نالن تي ڪمپني جي ڪنهن به فيصلي ڪميٽي جي اجلاس ۽ ميامليءَ خرچن کي ڏسڻ لاءِ اندازو هڪڙي ضرورت

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪيترن ئي ڪرپشن ۾ ڪابه ٻڌ نه ٿي ته آسمانيءَ ڏني ڇڏيندين: مريم نواز

جنهن هڏ روز احتجاج ليبلو ڏڪي، آني هيروڪيت ڪيڻن ڪر ڪري سڪهندو

قومي ڏڪوڙي ٻولهان ۽ پنجاب جو حصو نمايان آهي. صوبي ۽ ڦيٽا ڪنر ڪراٻا ويا آن

پاڪستان ۾ ڪيترن ئي سچي ملڪ ۽ عام موڪل هونڊي: وفاقي حڪومت

9نومبر 2026ع ڪي سچي ملڪ ۽ عام موڪل هونڊي: وفاقي حڪومت

اسلام آباد (اسٽيٽرنگ ڊيسڪ) ڪيترن ئي ڏينهن جي موڪل ڏني وئي آهي. ڪابينه جي ڊويزن ڊويزن ۽ هڪ ڏينهن جي موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي. وفاقي حڪومت جي ترجمان طرفان ٻڌايو ويو آهي ته 9نومبر 2026ع ڪي سچي ملڪ ۽ عام موڪل هونڊي: وفاقي حڪومت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اقبال ڊي ڊي سچي ملڪ ۽ عام موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري

ڪري ڇڏيو آهي ڪابينه ڊويزن پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، اقبال ڊي (اقبال ڊيڊي) جي موقعي تي سچي ملڪ ۽ عام موڪل جو نوٽيفڪيشن جاري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ريلوي ٽڪيٽن جي بڪنگ کي نڪار ڪي ڇڏيو، ڪيو آهي: خنيف عباسي

غيار آبڪيميڪس ۽ خيبر ميل کي هڪڙي ٽرين جي معيار تي آڻي ڪري هلايو ويندو

ڇڏيو ويو آهي، خنيف عباسي

ايڪسپريس کي 2 ٽرينن ۽ خيبر ميل کي جي بڪنگ کي نظام کي ڏيڪاريو ڪري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحمان آسان لاءِ ٻيڙ جي جاءِ تي آهي: ڪپتان (ر) صفدر

تاڙ هڪ ضرورت مولانا بابت ڪجهه، تبصرا ڪيا. ان وقت مان ٽيبت آباد ۽ هڪس

ڇنيءَ ڏينهن ۾ پنجاب جي ضلعي ڇنيءَ ۾ 1973ع ۾ آڻيو ويو هڪ ڪاسي ڏسواريز آهي هن سوال ڪيو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ڪاجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ جي سمورين ٽوڪل ڪائونسلن جي ڪارڪردگي ۽ مالي معاملن جي جاچ جو فيصلو

اعليٰ سطحي ڪميٽي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ عوامي شڪايتن جو جائزو ولهي سڀارشون وڏي ڪير کي پيش ڪندي

ڪميٽي قانون جي آبتڙ پرتين، بجيٽ ۽ پي پي ضابطگيءَ ۽ اختيارن جي ناانصافيءَ جي شناڪ چاڻ ڪندي



ڪراچي (ٻيورو رپورٽ) صوبائي وزير ٻاڌيات هاڪوسٽ آيند ڪائون پاڻڪ سيد بلال پٿور جي هدايت تي وڏي وزير سنڌ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو

انتظامي يونٽن تي صدر زرداري ٻ پ ڀ جي پاڻ راضي ڪندو: آسيه اسحاق

بينظير ٻٽو جي شهادت وقت ٻ هن ٻڌاڻن ڪهي ٻ جو نعرو هنيون هو ڏاهر آهي

پاڻ راضي ڪندو هو ڪاهر آهي

بينظير ٻٽو جي شهادت وقت ٻ هن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو

ڪراچي ۾ سامونڊي پاڻي صاف ڪرڻ جا پلانٽ لڳائڻ لاءِ ڪڏيل امڪانن جو جائزو وٺڻ جي تجويز

ٽيارو جي نوجوانن کي پرتگال ۽ ڦٽيال ڇوڪنڊ ۾ عالمي معيار جي تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ جو ڪهر

سان پنهنجي ملاقات ۾ پرتگالي ڪميشنر ٽيڪنالاجي ڊيمي ڪاسٽرو سان ملاقات ڪئي

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان ۽ پرتگال جي سفير سنتر پالٽولو ڊوسيلوز

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو



ڪراچي: وڏي وزير سان آسيان ملڪن جا سفارتڪار ملاقات ڪري رهيا آهن

سيارا ۾ پسان فصل ۽ مال جي ڦيٻل ڌار ڇهيءَ ۾ ڇڻا زخمي، اسپتال منتقل

سيارا ۾ ٽن ٻ سيارا ۾ پسان ڪوٽ ڪرڙي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو

ڪراچي جي مختلف علاقن مان ٽن ڇڻن ۽ لاش هٿ آيا

ڪراچي (ٻيورو رپورٽ) ڪراچي جي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو

ڪنب پرسان ٽن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، عورت سميت چار ڇڻا زخمي

ٽالپر وڏا لڪ روڊ تي ٽن موٽر سائيڪلن وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو. عمران شيخ فوت

حادثي ۾ محسن شيخ، خميسو جوڳي، فيروز منڪلاهار ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا. اسپتال منتقل

ڪنب (ٻيورو : مريد ڏاڏوي) ڪنب پرسان ٽن موٽر سائيڪلن وچ ۾ خوفناڪ ڪڙي هڪ نوجوان فوت، عورت سميت چار ڇڻا زخمي ٿي پيا. حادثو ۽ عمران شيخ جي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. جڏهن ته محسن شيخ، خميسو جوڳي، فيروز منڪلاهار ۽ هڪ عورت زخمي ٿي پيا. اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. ٽن موٽر سائيڪلن وچ ۾ خوفناڪ ڪڙي ٻن ڏينهن ۾ ٽين حادثي ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو آهي. ٽنهي حادثن ۾ 3 ڏسو صفحو



ڪڏيل فورس جي ڏينهن ڏي آمن ڪانفرنس فيلڊ مارشل عاصم منير کي خراج تحسين پيش

آرايس پي ٻ ملڪي ۽ غير ملڪي ميڊيا ۽ خواص ۽ فائدمان کي مڪمل طور بيٺڪاب ڪيو ويو. آڳاٽو

آسيان ڪنفرنس هيٺارينڊ نوجوان سان ڳڻ ٻيهڙا آهيون: ٻڌڪدر ٻاڌب آهون ۽ پين جو خطاب

ڪراچي (ٻ ن) آسيان ملڪ خان پراچا رفي ۽ هن جي صدارت هيٺ ڪڏيل فورس جي ڏينهن جي موقعي تي آسيان عوام کي آن ڪانفرنس شعقد ڪئي



ڪراچي: پاڪستان پرٽ آيند سيڊيا فورم پاران ڪڏيل فورس جي ڏهاڙي جي ڪريل تقريب ۾ برگيڊيئر يعقوب آهوڻ آسيان ملڪن جا نوجوان شاهد جميل، زيد ايچ خرم، محمد اسلم ۽ ٻيا اڪاري ۽ بيا شريڪ آهن

انگورادا ۾ پاڪ فوج جي جوابي ڪارروائيءَ ۾ طالبان جون ڪيتريون ئي چوڪيون تباهه، ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا

پاڪستان فوج پاڪ-افغان سرحد تي افغان طالبان جي اشتعال انگيزيون جو پرپور جواب ڏيندي طالبان جي ڪيترن ئي چوڪين کي تباهه ڪري ڇڏيو. واقعي جي هڪ ويڊيو پڻ جاري

پاڪستان جي فوج ڏکڻ وزيرستان ۾ پار چنار جبل سان لڳندڙ علاقن ۾ افغان طالبان جي ڪيترن ئي چوڪين ۽ فوجي تنصيبات کي ڪاميابيءَ سان نشانو بڻايو: سيڪيورٽي فورسز

پاڪ فوج گرن هٿيارن جو استعمال ڪندي افغان طالبان کي پنهنجن چوڪين ڇڏڻ ۽ پڇي وڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ڪارروائي دوران افغان طالبان سان لاڳاپيل ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ملڪ جي دفاع ۽ عوام جي تحفظ لاءِ پنهنجي عزم تي قائم آهن، قومي سلامتي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو، جواب ڪابه فوج دشمن خلاف هر وقت تيار آهي: ترجمان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: سڪاسپور جو پرڏيهي وزير ورون بالا ڪرشنن وزير اعظم سان ملاقات ڪندي

هڪ ريني جي ڪرشن به ڏاڍيت ٿي ته آسمانيءَ ڏني ڇڏيندين: مريم نواز

پاڪستان ۽ سنگاپور پارلياماني دوستي ليگن جو گڏيل اجلاس ٿيو

ٻنهي پاسن جي ميمبرن ڪاروباري ۽ علاقائي امن ۽ خوشحالي جي فروغ ۾ ڪهڻ رهي تعاون جي اهميت تي زور ڏنو

اسلام آباد (اي پي پي پي) پاڪستان ۽ سنگاپور جي پارليامنٽرين جي دوستي ليگن جو گڏيل اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ ٻنهي پاسن جي ميمبرن ڪاروباري ۽ علاقائي امن ۽ خوشحالي جي فروغ ۾ ڪهڻ رهي تعاون جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم وزير سان سعودي سفير جي ملاقات، استريٽجڪ شراڪتداري تي غور

وفاقي وزير پاڪستان ۽ سعودي عرب جي پرائي اسٽريٽجڪ شراڪتداري جي اڇلائي ڪئي

سعودي عملدارن پنهنجي ٻنڌڙ ڪمپنيءَ کي پاڪستان لاءِ ڪهيي ڪمپني جي ترجيح ڏني: علي پرويز

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو



اسلام آباد: سعودي سفير نائف السديري ۽ وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان ملاقات ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن، آسيان ملڪن کي فائدو وٺڻ گهرجي: وڏو وزير

سنارڪارن سان ملاقات ۾ زراعت، فوڊ پروسيسنگ، ڊاءِسار، آءِ ٽي ٽوائلٽي، معدنيات ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

سنارنيو وفد پارٽن سنڌ ۽ پنهنجن ملڪن جي وچ ۾ ڀائيار، سيڙپڪاري، تعليمي ۽ ثقافتي ڊي وڌ وڌائڻ جو عزم

ڪراچي جي بندرگاهن، ۽ وڏي ماريڪيٽ سيڙپڪارن لاءِ اهم موقعا موجود آهن

ڪراچي (رپورٽ: راحيب گاهه) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي ڏينهن



ڪراچي: وڏو وزير عالمي ثقافتي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي جديد شهر بڻائڻ لاءِ ترقياتي ڦاڪو تي ڪر تيز ڪيو وڃي آهي شرجيل ميمڻ

پورٽ قاسم کان ايئر نائن لنڪ روڊ، ريڊ لائين ۽ بيلو لائين بي آر ٽي سميت اهم منصوبن تي ڪر جاري آهي

ڊبل ڊيڪر ٽوڙي وڊيڪ ايڪٽرک بسن جي فراهمي جاري ڪم اندازي ڪئي ويئي وچي

بي آر ٽي سميت ٻين جاري منصوبن جي معيار مڪمل ڪرڻ حڪومت جي ترجيح

ڪراچي (ٻيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي سيت سمجي صوبي ۽ تريقياتي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سياسي اختلافن کي ذاتي انتقار ۽ تبديلي ڪيو ويو آهي: مولانا اسجد

شڪاڊهي تي ڪرجاب ته ملير ته مخالف ڏر راڙا ڪريل حرڪتن تي لهي آيا آهن

سيڪرٽري ڪميٽي، جنريل هائوس ۽ شڪاڊهي رڦني جي اڌارت تي ٻ اعتراض ڏيا ويا آهن

ڪراچي (ٻيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي مرڪزي ٻ ڪراچي ڊويزن جي عهديدارن جي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪندي مولانا فضل الرحمان جي ٻ اسلام آباد (ف) سي پي ايي جي تويئيس ٽي رڌعمل ڏيندي مولانا فضل الرحمان جي ٻ سيڪرٽري ڪميٽي ۽ شڪاڊهي رڦني جي اڌارت تي ٻ اعتراض ڏيا ويا آهن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ڪاليجي شوڪر ۾ شاگردياليءَ پارليامينٽ سيوليئر جو دور ڪندي

ڪرڙي جي عدالت ۾ ڇيڙڇاڙ بعد ڏرين جي هڪيئي جي ڪهرن تي فائرنگ، نوجوان قتل، صدمي ۾ امڙ فوت

ڪيس جي ٻڌڻي تي آيل صحافي عظير باربجو حملي ۾ سخت زخمي ٿي پيو ڪيس اسپتال منتقل ڪيو ويو

واقعي بعد ڏرين پارٽن هڪيئي جي ڪهرن تي فائرنگ ۽ نوجوان ڏاشير عرف ڏلو برڦت قتل ۽ ٻ ڇا زخمي ٿي پيا

صدمي ۾ مقتول جي امڙ رخسانه ٻ فوت ٿي وئي، زخمي صحافي اسپتال مان گرفتار، واقعي بعد چڪاڻ تيز

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو

جيمارابا ۾ چاڪليٽ پوليس جي وڏي نفري پهچي ويئي، ڏڪيرو لال آسٽيشن ۽ زخمي صحافي جي بن سائن سميت 4 ڇڻا گرفتار

مرادي ۽ هلندڙ ڏڪرا خراب جهڙي ۽ تبديلي ڏي ويو هڪ ڇوڪر قتل چار ڇڻا زخمي

ڪرڙي سائيٽ ۾ بن ڏڪان ڪي ڪاٽ. روڪ رڦبر ۽ پير سامان چوري

ڪرڙي سائيٽ (ن ٻ) ڪرڙي جي برهمي چوڪ وڃ رات تا معلوم چور ڏڪان ڪي ڪاٽ هڻي ويا چورن پاران رات جي اڌاڻهي جو فائدو وٺندي بن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2



عمران خان کي سپني سان گڏجي گڏهڻ گهرجي: مخدوم جميل الزمان

سڪيورٽي صورتحال سنڌين ڏهي ٿ خراب ۽ رڳوڙ راڄ لڳاڻي سڀ ڪجهه ڏ

پيپاز پارٽي خلاف اتحاد ٽوڙڻا ۽ ڏهڻا رهيا آهن، عوام هميشه پي پي جو ساٿ ڏنو آهي

مخدوم جميل الزمان پٽ ڪ شاهه احمد، صحافين جمن جهڙي ماڻ واڌيه جي وفات تي تعزيت

پٽ شاهه (ن ٻ) قومي اسيمبلي سيميبر مخدوم جميل الزمان پٽ شاهه پهچي صحافين جمن جهڙي ماڻ سنڌس واڌيه جي وفات تي تعزيت ڪئي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

مخدوم سعيد الزمان جي مخدوم رفيق الزمان سان ڪراچي ۾ ملاقات

مخدوم سعيد الزمان پٽ مخدوم احمد الزمان سان گڏ ڪراچي پهتر

ماڪيٽ ڏڪرار ۽ مخدوم جميل الزمان جي مائهين پاران مايل تزئيس بابت ڳالهه ٻولهه

مخدوم ڏاڻين جي هلندڙ اختلافن بابت مخدوم رفيق الزمان کي اعتماد ۾ ورتو ويو: ڏريما

سٽياري (ڊ ن) مخدوم هاشمين ۾ هلندڙ اختلاف نبيري ٽ سڪهيا، مخدوم سعيد الزمان سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. مخدوم جميل الزمان پٽ شاهه پهچي ڪراچي پهچي آڳوڻي صوبائي وزير مخدوم سعيد الزمان سان ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



سٽياري: مخدوم سعيد الزمان مخدوم رفيق الزمان سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ٽيون عالمي ثقافتي ميلو شروع، وڏي وزير افتتاح ڪيو، ايوارڊ وڻڪايا ويا

ورلڊ ڪلچر فيسٽيول ۾ 150 ڪن وڏيڪ ملڪن جي فنڪارن جي شرڪت، ميلو 25 ڏينهن جاري رهندو

سنڌ صوفين، محبت ۽ رواداريءَ جي ڌرتي آهي، فن ۽ موسيقي مائهين کي ڪميءَ ۾ ويجهو آڻين ٿا: مراد علي شاهه

آسان عالمي ثقافتي ميلي ۾ ڇوڪر خراب ڏڪ هو ان کي عملي شڪل ڏيڻ تاريخي ڪاميابي آهي: محمد احمد شاهه

اهتمام هيٺ 25 ڏينهن جاري ٿيندڙ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول ڪراچي 2026ع جو باقاعده افتتاح سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪيو. ميلو 25 ڏينهن جاري رهندو

ڪراچي (رپورٽ: جي ايم خاصخيلي) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ ورلڊ ڪلچر فيسٽيول جو افتتاح ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ صوفين، محبت ۽ رواداريءَ جي ڌرتي آهي، فن ۽ موسيقي مائهين کي ڪميءَ ۾ ويجهو آڻين ٿا. ميلو آسان عالمي ثقافتي ميلي ۾ ڇوڪر خراب ڏڪ هو ان کي عملي شڪل ڏيڻ تاريخي ڪاميابي آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو

ڪراچي ۾ ڪتي جي حملي ۾ زخمي ٿيل ٻار جي موت تي احتجاج، ڪتي جو مالڪ گرفتار

ڪراچي (رپورٽ: ڪاشف ڪرمي) ڪراچي ۾ ڪتي جي حملي ۾ زخمي ٿيل ٻار جي موت تي احتجاج ڪندڙ مظاهرين ڪارو ڪاهو ڪري ڇڏيو. پوليس مطابق ڪتي جو مالڪ گرفتار ڪري ورتو ويو آهي. ڪتي جي حملي ۾ زخمي ٿيل ٻار جي موت تي احتجاج ڪندڙ مظاهرين ڪارو ڪاهو ڪري ڇڏيو. پوليس مطابق ڪتي جو مالڪ گرفتار ڪري ورتو ويو آهي.



Saturday 31ST October 2026
Daily Ibrat Karachi

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 434 سال 2026

مسمات نجمہ ڌيءِ غلام علي لاشاري رهندڙ ٻنگلور تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ..پلينٽف ...بخلاف. اڪرم ولد مير محمد رهندڙ ڳوٺ نادر ديهہ حاجي ابو حسن تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ ميڊيڪل جي خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 17-11-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبروجناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 485 سال 2026

مسمات مسڪان ڌيءِ عبدالرشيد انصاري رهندڙ سجل سرمست ڪالوني نوابشاهہ ..پلينٽف ...بخلاف. آغا اسد علي ولد اصغر علي پٺاڻ رهندڙ مهراڻ ڪالوني نوابشاهہ ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس، جهيز جي واپسي ۽ سونا زيور لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 05-11-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج II قاضي احمد
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ساجده خاتون زال اشرف جنو رهندڙ ڳوٺ مير محمد جنو تعلقو قاضي احمد ..ايپليڪينٽ ...بخلاف. (1) ذڪريا ولد اشرف جنو (2) صفيان ولد اصغر جنو (3) مسمات ماريہ ڌيءِ اشرف جنو (4) جنرل پبلڪ.. اپوننٽس

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
ايف سي سوٽ نمبر 51 سال 2026

محمد حسن ولد لاڪو پالاري معرفت قانوني ورث (1) مسمات سياڻي ڌيءِ محمد حسن (2) مسمات حاجران ڌيءِ محمد حسن معرفت قانوني وارث (اي) نواب الدين ولد آدم (بي) باراڊو ولد آدم (سي) ميرزادي ڌيءِ آدم معرفت اٽارني ملڻ وسايو ولد خورٽ پالاري رهندڙ ڳوٺ سوڏڙ پالاري يو سي سري پي او نور آباد ضلعو ڄامشورو ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) سيڪريٽري روينيو ڪراچي (2) ڊي سي ڄامشورو (3) اي سي ٿاڻو بولا خان (4) مختيارڪار روينيو تعلقو ٿاڻو بولا خان (5) سپروائيزنگ ٽپيدار ٿاڻو بولا خان (6) هيڊ ڪوارٽر سب رجسٽرار ضلعو ڄامشورو (7) چيئرمين / سيڪريٽري يو سي سري تعلقو ٿاڻو بولا خان اولڊ يو سي مونڊر خان پالاري نوري آباد تعلقو ٿاڻو بولا خان (8) مسمات Assee ڌيءِ لاڪو زال ايوب معرفت قانوني وارث (i) ليار ولد ايوب معرفت قانوني وارث (اي) مسمات Bae بيواهہ ليار(بي) مسمات Wasee ڌيءِ ايوب معرفت قانوني وارث ڊفينڊنٽس نمبر 8 کان 13 (9) Nathalo ولد محمد حسن (10) Shahar ولد محمد حسن معرفت قانوني وارث (اي) مسمات بيبل (بي) مسمات پارو (سي) مسمات تسنيم (11) فيض محمد ولد لاڪو پالاري معرفت قانوني وارث ڪا بہ اولاد نہ هئي (12) فقير محمد ولد لاڪو معرفت قانوني وارث (اي) محبوب (بي) جاويد (سي) بڪر (ڊي) مسمات منان (اي) مسمات جميلا (ايف) مسمات فهيما (13) واحد ڏنو ولد لاڪو معرفت قانوني وارث (i) موريو (ii) ڏنو معرفت قانوني وارث (آي) بلاول (بي) وقار (سي) عاشق (ڊي) پوڙهو (14) مسمات نمي عرف ناصي ڌيءِ لاڪو معرفت قانوني وارث (i) محمود ولد ابراهيم معرفت قانوني وارث (a) مهار ولد محمود سڀ ڊفينڊنٽس 8 کان 14 مسلم بالغ ذات پالاري رهندڙ ڳوٺ دوست محمد پالاري پي او نوري آباد تعلقو ٿاڻو بولا خان ضلعو ڄامشورو (15) عليم احمد ولد چوڌري گلزار احمد رهندڙ بنگلو نمبر 16/1 اسٽريٽ نمبر 28 فيز 5 ڊي ايچ آي ڪراچي (16) آشوڪ ڪمار ولد ٽيڪم داس هندو بالغ ذات لوهانو رهندڙ سنهري مل شاپ نمبر 9 نوري آباد سائيٽ تعلقو ٿاڻو بولا خان ضلعو ڄامشورو (17) دُر محمد ولد Nathalo رهندڙ ڳوٺ دوست محمد ...

بقايا 25

جي وڌنڌڙ پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت سان شراڪتداري ڪن جڏهن تہ توانائي جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي موقعن ۽ ڦئبال جي ترقي ۾ تعاون جا

بقايا 32

تي آرٽس ڪائونسل پاران عالمي فنڪارن کي تعريفي سندون ۽ گلدستا پيش ڪيا ويا. نمائش 2 "Method & Madness" نومبر تائين احمد پرويز آرٽ گيلريءَ ۾ جاري رهندي

سيڪٽر 5 ڪي جي ويجهو فليٽ مان ڪيمرائي ڏينهن پراڻو 65 سالن جي قادر ولد محمد حسام الدين جو لاش مليوٿيو ڪاٺوڻ ٿاڻي جي حد شرف آباد يوناٽيڊ ڪنگ بيڪري جي ويجهو روڊ ڪناري تان 60 کان 65 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو

بقايا 18

بيان ۾ هن چيو تہ پورٽ قاسم کان ايم نائن موٽروي تائين لنڪ روڊ، ريڊ لائين ۽ ييلو لائين بي آر ٽي سميت اهم رٿائن تي تيزيءَ سان ڪم جاري آهي.

۾ واري رهائشگاهہ تي غيرقانوني اڏاوتن ۽

قائدو وٺن هو وزيراعليٰ هائوس ۾ پاڪستان لاءِ فلپائن جي سفير ۽ اسلام آباد ۾ آسيان ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر ايميوئيل آر فرنينڊز جي اڳواڻي ۾ آسيان سفيرن هاءِ ڪمشنرن ۽ سفارتڪارن جي هڪ اعليٰ سطحي وفد سان ڳالهائي رهيو هو

انفارميشن ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ حصيداري جي امڪانن جو پڻ جائزو ورتو ويو سنگاپور جي پرڏيهي وزير پاڪستان ۾ ماحول دوست سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ ڪاربن مارڪيٽس جي صلاحيت کي اجاگر ڪيو جڏهن تہ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل تعاون

مسٽر عدنان بشير،
نائب قاصد (بي پي ايس-01)،
معطل (Under Suspension)،
ٽريزري آفيس،
ڪراچي.

نمبر: FD(TR)02(03)/2011

سنڌ حڪومت
فنانس ڪاتو

ڪراچي، تاريخ: 06 جولاءِ 2026

شوڪاز نوٽيس

سنڌ سِول سرونٽس (طريقيڪار ۽ نظم ضبط) ضابطا، 1973 جي ضابطي 4_الف سان گڏ پڙهندي، ساڳين ضابطن جي ضابطي 5 جي ذيلي ضابطي (3) تحت حاصل ٿيل اختيارن کي استعمال ڪندي، آءُ، اضافي فنانس سيڪريٽري، مجاز آفيسر جي حيثيت ۾ :

(الف) هن راءِ جو آهيان تہ هيٺ ڏنل تفصيلن مطابق نااهلي ۽ بدعنواني جي الزامن جي پيش نظر، مٿين ضابطن تحت اوهان خلاف تحقيقاتي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ ڪافي بنياد موجود آهن؛ ۽

(ب) اهو طئي ڪيو آهي تہ ڪنهن انڪوائري آفيسر يا انڪوائري ڪميٽي ذريعي جاچ ڪرائڻ ضروري ناهي.

2. تنهنڪري، آءُ هن نوٽيس ذريعي اوهان کي آگاهہ ڪريان ٿو تہ هيٺ ڏنل بنيادن تي، ساڳين ضابطن جي ضابطي 4 ۾ بيان ڪيل سزائون اوهان مٿان مڙهڻ جي تجويز آهي، ۽ ان ڪري اوهان کي طلب ڪيو وڃي ٿو تہ توهان سبب ڏيو تہ اوهان خلاف تجويز ڪيل ڪاروائي ڇو نہ ڪئي وڃي.

3. اوهان جو جواب / وضاحت هي نوٽيس ملڻ جي تاريخ کان 14 (چوڏهن) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ تائين پهچڻ گهرجي، جنهن جي نہ پهچڻ جي صورت ۾ سنڌ سِول سرونٽس (طريقيڪار ۽ نظم ضبط) ضابطا، 1973 تحت اوهان خلاف هڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو. اوهان اهو پڻ ظاهر ڪري سگهو ٿا تہ ڇا اوهان ذاتي طور تي ٻڌڻ چاهيو ٿا.

4. نااهلي ۽ بدعنواني جا تفصيل هيٺين ريت آهن:

(i) ٽريزري آفيس، ڪراچي پنهنجي 06.05.2026 ۽ 11.05.2026 جي ليٽر ذريعي رپورٽ ڪيو آهي تہ توهان، مسٽر عدنان بشير، نائب قاصد (بي پي ايس_ 01)، مجاز اٿارٽي کان اڳواٽ اجازت ورتي بغير ڊيوٽي تان عادتاً غائب رهيا آهيو، اهڙي طرح سرڪاري نظم ضبط ۽ ڊيوٽي سان لڳاءُ جي مسلسل بيواجبي جو مظاهرو ڪيو آهي.

(ii) ٽريزري آفيس، ڪراچي پنهنجي 06.05.2026 جي ليٽر ذريعي رپورٽ ڪيو آهي تہ توهان، مسٽر عدنان بشير، نائب قاصد (بي پي ايس_ 01)، آفيس ۾ موجود هجڻ دوران سرڪاري ڪم جي ڪلاڪن ۾ نشيدار شيون ۽ شراب استعمال ڪيو آهي، هڪ اهڙو عمل جيڪو ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ سخت بدعنواني بڻجي ٿو ۽ هڪ سرڪاري ملازم جي شايانِ شان ناهي.

(iii) اهو تہ توهان، مسٽر عدنان بشير، تي چوري ۽ بدعنواني جي عملن ۾ ملوث هجڻ جو الزام آهي. خاص طور تي، مسٽر پيرڏنو نائب قاصد، ميڊيڪل_ III سيڪشن طرفان جمع ڪرايل هڪ درخواست ۾ الزام لڳايو ويو آهي تہ مسٽر عدنان بشير آفيس جي ڪلاڪن دوران فنانس ڪاتي جي احاطي مان سنڌس موبائل فون چوري ڪيو.

(نوشين عثمان)
ايڊيشنل فنانس سيڪريٽري (ايڊمن)
اينڊ مجاز آفيسر

INF/KRY/4914/2026

WORK FOR SINDH www.iworkforsindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

آفيس آف دي
ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز
ڪراچي

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڪراچي، اِي_پاڪ اڪويزيشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS) ذريعي اِي_آڇ طلب ڪري ٿو اها سپلائرز / فرمز / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / بااختيار ڊسٽريبيوٽرز کان جيڪي ايف بي آر ايس آر بي جي فعال ٽيڪس ڏيندڙن جي فهرست تي آهن (جيڪو بہ لاڳو هجي) ميڊيڪل سامان، مشينري، اوزار، فرنيچر / فڪسچرز جي فراهمي لاءِ تحت ADP اسڪيم نمبر 810 (شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي لاڙڪاڻو، لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ڄامشورو، پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز فار وومين شهيد بينظير آباد، ۽ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج سکر ۾ سموليشن سينٽرز جو قيام) مالي سال 27_2026 ۽ 27_2027 لاءِ قاعدي 46(2) هڪ مرحلي تي ہ لفافي طريقيڪار جي تحت. ٽينڊر جون دستاويزون جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا شامل آهن، هن ويب سائيٽ https://portalsindh.eprocure.gov.pk/# تان ڏسي / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ آڇون صرف EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ گهرجن، دستي آڇون وصول نہ ڪئي وينديون. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ کي گهرجي تہ اهي پنهنجو پاڻ کي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ EPADS سسٽم تي هن لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي رجسٽر ڪرائن.

آڇون جيڪي ٽينڊر جي دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيون ويون هجن، سي EPADS تي 30-11-2026 تائين صبح جو 11:00 وڳي جمع ڪرائڻ گهرجن. ٽينڊر في جي اصل دستاويز -/3,000 روپيا ۽ مخصوص بد سيڪيورٽي جيڪا درج ڪيل شين جي مقابلي ۾ ذڪر ڪيل آهي، خريد ڪندڙ ايجنسي تائين اِي_بڊس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پهچڻ گهرجي، جنهن کي ساڳئي ڏينهن صبح جو 11:30 وڳي هن پتي تي کوليو ويندو: فاطمہ انجنيئر آڊيٽوريم، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU)، ڪراچي.

نوٽ:_

- اِي_آچ بابت ڪنهن بہ سوال لاءِ ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڪراچي جي رابطي نمبر 0300-2579066 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- جيڪڏهن حڪومت ڪا عام موڪل يا ڪي نامناسب حالتون اعلان ڪري ٿي، تہ ٽينڊر / آڇون اينڊڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي، ساڳئي هنڌ ۽ وقت تي جمع ۽ کوليون وينديون. خريد ڪندڙ کي ايس پي پي رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن بہ يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
- ڪنهن بہ ڏکيائيءَ جي صورت ۾ امڪاني آڇ ڪندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن / ڪلاڪن دوران EPADS هيلپ لائن 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

صحت جي سنڀال جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ثاقب علي شيخ ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز ڪراچي ڊويزن.

ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز
ڪراچي

WORK FOR SINDH
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4911/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

انساني حقن جون پيچيدگيون ۽ رياست جي ذميواري
صفحو 4

مدر قائم خان ناليو
تاريخ ماضيءَ جي نتيجن جو نچوڙ آهي!
صفحو 4

انقلابن جي نيٺ
رسول بخش رئيس
صفحو 4

اياز وگهيو
جمهوريت، آئين ۽ سياسي برداشت جو امتحان
صفحو 4

مٽياري ۾ يوٿ ڪنيڪٽ پروگرام، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سندن صلاحيتن کي مڃتا ڏيڻ تي زور

نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سماجي سرگرمين ۾ سندن شموليت کي يقيني بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: رضوان علي ملاح

پيٽل ڊسڪشن ۾ نوجوانن جي ترقي، جدت، قيادت ۽ نوجوانن لاءِ بهتر موقعا پيدا ڪرڻ ۾ ادارن جي ڪردار تي خيالن جي ڏي وٺ

سيف هائوسز جي انچارج مهرين ملاح سماج جي ڪمزور طبقن کي تحفظ، سهائتا ۽ بهتر موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو



مٽياري "يوٿ ڪنيڪٽ بااختياري، جدت ۽ مڃتا" تقريب ۾ شاگردن کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

سنڌ يونيورسٽي ۽ يونيسيف وچ ۾ ٻارن جي تحفظ بابت سينٽر آف ايڪسيلينس قائم ڪرڻ لاءِ معاهدو

سينٽر آف ايڪسيلينس قائم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم مفاهمت جي ياداشت نامي (MoU) تي صحيحون ڪيون ويون



ڄامشورو سينٽر آف ايڪسيلينس قائم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم مفاهمت جي ياداشت نامي (MoU) تي صحيحون ڪيون وڃن

خيرپور لڳ کهڙا پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، مبينا مقابلي بعد 4 جوابدار گرفتار

کهڙا پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي مبينا پوليس مقابلي بعد چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

گشت دوران کهڙا روڊ تي واردات جي ارادي سان بيٺل هٿياربندن سان پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ مقابلو ٿيو

گرفتار جوابدارن ڪان وڏيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته سندن ڏوهن ۽ ساٿين بابت ڇان ڇٺ جاري آهي: ايس ايڇ او

سکرنڊ ۾ عورتن ۾ ڇاتيءَ جي ڪينسر بابت آگاهي سيمينار

ڪينسر بابت آگاهي سيمينار ۽ مفت جنرل ميڊيڪل ڪئمپ جو اهتمام ڪيو ويو

بن احسان ليبر اينڊ ڊولپرز جي هيڊ آفيس تي حملي جي مذمت

ملازمن کي پرشمال بڻائي ريڪارڊ غائب ڪرڻ غيرقانوني ۽ غير اخلاقي قدم آهي: ذوالفقار ملاح

بن احسان بلدر جي سورمن اسڪيمون مورونمي زمين مالڪن کان خريد ڪيل آهن

ڏکڻ ۾ ايل پي جي گئس جا اڳهه آسمان تي پهچي ويا

في ڪلو 550 روپيا، 11.6 ڪلو وارو گهريلو سلينڊر 6500 روپين تائين وڪرو

مهانگائي سبب عوام پريشان، انتظاميه کان سختي سان اڳهه ڪنٽرول ڪرڻ جي گهر

سافڪو پارٽنن ملازمن کي عمره ڪرائڻ جو سلسلو، ڪُڻ ذريعي چونڊ

هيڊ آفيس ۾ ڪُڻا ڪڍيا ويا، ڊرائيور شهزاده ڏوناري ۽ بي بي آرڻشان علي جا نالا نڪتا

ملازمن جي ڀلائيءَ لاءِ بيان ڪيترن ئي پروگرامن تي به عمل جاري آهي: ڊاڪٽر سليمان جي. ابڙو



حيدرآباد عمري لاءِ ڪڻا ڪڍڻ واري تقريب ۾ سليمان جي ابڙو ۽ ٻيا خطاب ڪندي پئي وڃي يامي خوشنصيب ڊرائيور شهزاده ڏوناري کي مبارڪ ڏيو وڃن

مورو تاڻي جي حد جمال شاهه درگاهه واسڻ جو احتجاج

مجبوري سبب سافڪو بينڪ مان وياج تي پئسا ڪنيا هئاسين: مومل ماڇي

قسط هر مهيني ڏيندڙ آهيون پر پوءِ به بينڪ عملي گهر ۾ گهڙي تشدد ڪيو



مورو جمال شاهه درگاهه واسڻ احتجاج ڪندي

بدڻاٽي تاڻي جي حد ۾ منشيات جو سرعام وڪرو

گٽڪي ۽ مين پڙي، سپاري، آئس سميت ٻيون منشيون وڪرو ٿيڻ لڳيون

منشيات جي وڌندڙ وڪري سبب علائقي جي نوجوان نسل جو مستقبل داءِ تي لڳل



مسوڻ ڳوٺ ڀٽائي تاڻي جي حد ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف احتجاج ڪيو وڃي

دوڙ جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول جا سينئر استاد ريٽائر

سينيئر استادن غلام ناليمسين جي گاد وڏيڪ کان اڳ ريٽائرمينٽ جو اعلان ڪري چڏيو

اسٽاف ۽ ٽئين هيڊماسٽر استاد ذوهيب اشرف پنهنجي ماني جي ماني ۽ الوداعي پارٽي رکي وئي

گمس اسپتال گمبٽ ۾ جگر جا 1500 کان وڌيڪ ڪامياب آپريشن

ڪينسر جي 12 هزار مريضن جو علاج ڪيو ويو: ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي

گهوٽڪي ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ فضل محمد شيخ ٻارن اسپتال ۽ ڪاليج جو دورو

بنيادي صحت مرڪز عمر ڏاهو ۽ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو

محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوامي مسئلن جي حل ۽ سرڪاري ادارن خلاف شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي: فضل محمد شيخ

شهري سادي ڪاغذ تي پنهنجي شڪايت لکي لاڳاپيل ريجنل آفيس ۾ جمع ڪرائي سگهن ٿا، مسئلا حل ڪرڻ اولين ترجيح آهي



گهوٽڪي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ فضل محمد شيخ ٻارن اسپتال ۽ ڪاليج جو دورو ڪندي

لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي اسٽروڪ مئنيجمينٽ وارڊ پاران آگاهي واڪ

فالج جي بيماري کان بچاءَ بابت عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو

شهري فالج جي ظاهري علامتن جي پاڻمرادو خاتمي ٿيڻ جو انتظار نه ڪري ضايع ڪرڻ کان پاسو ڪن: ماهر

متوازن غذا استعمال ڪرڻ، باقاعده جسماني سرگرمي اختيار ڪرڻ ۽ ڊاڪٽر جي هدايتن موجب طبي معائنا ڪرائڻ جي اهميت تي زور

پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي استادن سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد بينچ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

تعليمي قابليت، پروفيشنل ڊگري، بي پي ايس ۽ سينيارٽي جي بنياد تي سندن حق جو تعين ڪيو وڃي: استاد

پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي ضابطن مطابق پگهارن ۾ واڌ ۽ ٻين جائز سهولتن بابت پڻ معاملي تي غور ڪيو وڃي

استادن ۽ ملازمن کي پنهنجن جائز حقن کان محروم نه رکيو وڃي ۽ ڪين ضابطن مطابق سهولتون ڏنيون وڃن: پٽيشن جو متن

دادلغاري ويجهو ڳوٺ ڪامڻ خشڪ جي رهواسين جو احتجاج

ڳوٺ جي بااثر وڏيري سنڌس جي پٽ ۽ پاڻ جي ڏاڍ خلاف احتجاج ڪيو ويو

اسحاق خشڪ ۽ سندس خاندان مبينا طور سندن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي: مظاهرين



دادلغاري ڳوٺ ڪامڻ خشڪ جا رهواسي احتجاج ڪندي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران شهمير جمالي کي تعلقه جو نائب صدر چونڊجڻ تي جيئاڻ

خيرپور جي سينيئر صحافي غلام عباس پنهور جي شاعريءَ جي رسالي "عشق عباس" جي مهورت 4 نومبر تي ٿيندي

مانجهند ۾ ڇيڙي جي آبادگارن جي احتجاجي ريلي، ڌرڻو

شاهه اسپي پمپنگ اسڪيم ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف ڪي ريلي ڪڍيون ويون

غيرقانوني نلين ڪري پاڻي چوري ٿيڻ سبب ٻنيون سڪي رهيون آهن: مظاهرين



مانجهند ۾ ڇيڙي جا آبادگار احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا آهن

ميلر جي ٻين ٻرين بن قاسم ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جا ڇاپا

ڪيڪ، ڏهي ۽ ٻين کاڌي پيتي شين وڪرو ڪندڙ دڪانن جي چڪاس ڪئي

صفائي ستٿرائي جي معيارن ۽ حفظان صحت جي اصولن تي عمل ڪرڻ جو تفصيلي جائزو

ب پ سينيئر پروجوئل پيپل ڊاڪٽر ناڏيل ساٿي جي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي ماتحت ڪاليج ۾ داخلائن جي تاريخ ۾ واڌ

هوسڙي تاڻي جي پوليس پاران مبينا مقابلي هڪ مبينا ڌورو زخمي حالت ۾ گرفتار

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 31 آڪٽوبر 2026ع

انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ۽ رياست جي ذميواري

انساني حقن جو تحفظ ڪنهن به مهذب ۽ جمهوري معاشري جي بنيادي سڃاڻپ هوندو آهي، جنهن سماج ۾ انسان جي جان، عزت، آزادي، برابري ۽ انصاف کي تحفظ حاصل هجي، اتي ئي سماجي ترقي ۽ جمهوري قدرن جي واڌ ويجهه ممڪن بڻجي سگهي ٿي. انساني حق رڳو آئين ۽ قانون جي ڪتابن ۾ لکيل ڪجهه اصولن جو نالو نه آهن پر اهي هر شهري جي زندگيءَ سان لاڳاپيل بنيادي ضرورتون آهن. افسوس جو پاڪستان ۾ انساني حقن جي صورتحال بابت تازو سامهون آيل انگ اکر ڪيترائي اهم سوال اڀاري رهيا آهن. انساني حقن واري وزارت پاران 2021ع کان 2026ع تائين ملڪ ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت تفصيل سينيٽ ۾ پيش ڪيا ويا آهن. جن موجب پنجن سالن جي عرصي دوران انساني حقن جي ڀڃڪڙين جا 41 هزار 428 ڪيس رپورٽ ٿيا. انهن انگن اکرن موجب پنجاب ۾ 14 هزار 498، سنڌ ۾ 10 هزار 705، خيبر پختونخواهه ۾ 9 هزار 919، بلوچستان ۾ 3 هزار 680 ۽ اسلام آباد ۾ 2 هزار 626 ڪيس سامهون آيا. ان کان علاوه انساني حقن بابت هيلپ لائن تي 6 لک 59 هزار 742 ڪالون وصول ٿيون. جن مان 48 هزار 868 ماڻهن کي خدمتون فراهم ڪيون ويون. اهي انگ اکر رڳو سرڪاري رڪارڊ جا ڪجهه انگ نه آهن پر انهن جي پويان هزارين انسانن جون زندگيون، تڪليفون، محروميون ۽ انصاف لاءِ ڪيل جدوجهدون موجود آهن. هر هڪ ڪيس ڪنهن نه ڪنهن فرد، خاندان يا سماجي طبقي سان لاڳاپيل هوندو، جنهن کي پنهنجي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ لاڳاپيل ادارن جو در کڙڪائڻو پيو هوندو. سوال اهو آهي ته آخر اهڙي ڪهڙي صورتحال پيدا ٿي آهي جو ملڪ ۾ هزارين ماڻهو پنهنجن بنيادي حقن کان محروم ٿيڻ جون شڪايتون ڪري رهيا آهن؟

انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو دائرو تمام وسيع آهي. ان ۾ عورتن تي تشدد، ٻارن سان زيادتي، جبري پورهيو، انساني اسمگلنگ، اقليتن سان امتيازي سلوڪ، اظهار جي آزاديءَ تي پابنديون، غيرقانوني حراست، زمينن تي قبضا، مزدورن جو استحصال ۽ ڪمزور طبقن سان ناانصافيون شامل ٿي سگهن ٿيون. اسان جي سماج ۾ عورتن ۽ ٻارن جي حقن جي حوالي سان صورتحال خاص ڌيان جي گهرجائو آهي ڪاروڪاري، غيرت جي نالي تي قتل، ننڍي عمر ۾ شاديون، گهريلو تشدد ۽ ٻارن کان پورهيو وٺڻ جهڙا مسئلا اڃا تائين مختلف علائقن ۾ موجود آهن قانون سازيءَ باوجود انهن مسئلن جو مڪمل خاتمو نه ٿي سگهيو آهي. سنڌ ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جا 10 هزار 705 ڪيس رپورٽ ٿيڻ پڻ هڪ اهم معاملو آهي. سنڌ پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ صوفي فڪر جي حوالي سان رواداري، محبت ۽ انسان دوستيءَ جي سڃاڻپ رکي ٿي پر عملي زندگيءَ ۾ عورتن، ٻارن، هارين، مزدورن ۽ ٻين ڪمزور طبقن کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جاگيردارانه اثر، قبائلي تڪرار، ذات پات جي بنياد تي امتياز، جبري پورهيو ۽ تعليم توڙي صحت جي سهولتن جي اڻهوند انساني حقن جي صورتحال تي اثرانداز ٿين ٿا. خاص طور تي ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن ۽ ٻارن کي پنهنجي حقن بابت آگاهي ۽ قانوني مدد تائين رسائيءَ جا محدود موقعا حاصل آهن. انهيءَ صورتحال ۾ رڳو قانون ناهڻ ڪافي نه آهي، پر انهن تي عمل ڪرائڻ وڌيڪ ضروري آهي. پاڪستان ۾ انساني حقن جي تحفظ لاءِ مختلف قانون ۽ ادارا موجود آهن پر انهن جي ڪارڪردگي، اختيارن ۽ عوام تائين رسائيءَ جو جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. پوليس، عدليه، انتظاميا ۽ انساني حقن جي تحفظ وارن ادارن کي اهڙو نظام قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن تحت متاثر ماڻهو بنا ڪنهن خوف ۽ سفارش جي پنهنجي شڪايت داخل ڪرائي سگهن ۽ کين بروقت انصاف ملي سگهي.

انساني حقن جو تحفظ ڪنهن هڪ وزارت يا اداري جي ذميواري ناهي، پر اها رياست، حڪومت، عدليه، انتظاميا، ميڊيا ۽ سماج جي گڏيل ذميواري آهي. 41 هزار کان وڌيڪ رپورٽ ٿيل ڪيس اسان کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا ته ترقيءَ جون دعوائون ان وقت تائين اڌوريون رهنديون، جيستائين عام ماڻهوءَ کي عزت سان جيئڻ، پنهنجي ڳالهه چوڻ، تعليم حاصل ڪرڻ ۽ انصاف ماڻڻ جو حق حاصل نه هوندو. ڪنهن به ملڪ جي حقيقي ترقيءَ جو اندازو رڳو وڏين عمارتن، روڊن ۽ معاشي منصوبن مان نه پر ان ڳالهه مان لڳائڻ گهرجي ته اتي هڪ عام شهريءَ جا بنيادي حق ڪيتري حد تائين محفوظ آهن. رياست جي اصل ڪاميابي تڏهن هوندي، جڏهن ڪنهن به شهري کي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ دربدر ٿيڻو نه پوي.

جمهوريت، آئين ۽ سياسي برداشت جو امتحان



اياز وگهيو

پاڪستان جي سياست ۾ اختلاف ڪا نئين ڳالهه ناهي پر اختلاف کي ڪهڙي انداز سان پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي حل لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪيو وڃي ٿو، اهو ئي سياسي قيادت جي اصل سڃاڻپ بڻجي ٿو. تازو قومي اسيمبليءَ ۾ بلاول ڀٽو زرداري ۽ مولانا فضل الرحمان جي تقريرن ملڪ جي سياسي صورتحال، پارليامينٽ جي اختيارن، حڪومت ۽ مخالف ڌر جي لاڳاپن ۽ جمهوريت جي مستقبل بابت هڪ اهم بحث کي جنم ڏنو آهي.

29 آڪٽوبر تي بلاول ڀٽو زرداري پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ، قومي معاملن تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۽ مخالف ڌر جي پارلياماني ڪردار تي زور ڏنو. جڏهن ته 28 آڪٽوبر تي مولانا فضل الرحمان سياسي عدم برداشت، خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي امڪانن تي خدشا ظاهر ڪيا.

بلاول ڀٽو زرداري جي تقرير جو مرڪزي خيال اهو هو ته پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ صرف تقريرن سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي عملي طور پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن مخالف ڌر تي زور ڏنو ته اها پارلياماني ڪميٽين ۾ واپس اچي، جوڻ سڌارن واري عمل ۾ حصو وٺي ۽ قومي سلامتي، معيشت ۽ پرڏيهي معاملن بابت بحث ۾ شامل ٿئي.

بلاول جو موقف سياسي طور اهم آهي، ڇاڪاڻ ته مخالف ڌر جو ڪم رڳو حڪومت تي تنقيد ڪرڻ نه پر قانون سازي، نگراني ۽ عوام جي مسئلن جي نمائندگي ڪرڻ به آهي. جيڪڏهن مخالف ڌر ڪميٽين کان پري رهندي ته چونڊ سڌارن ۽ ٻين اهم معاملن تي سندس اعتراضن کي عملي حل تائين پهچائڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو.

پر هتي حڪومت جي ذميواري به گهٽ ناهي. پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ حڪمران ڌر کي مخالف ڌر جي جائز خدشن کي ٻڌڻ، اختلاف راءِ لاءِ گنجائش پيدا ڪرڻ ۽ اهڙو ماحول فراهم ڪرڻو پوندو جنهن ۾ پارلياماني شرڪت کي سياسي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي. پارليامينٽ جي بالادستي تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻئي آئيني ادارن جو احترام ڪن.

بلاول جو قومي سلامتي ۽ علائقائي صورتحال بابت لاڳاپيل وزيرن کان پارليامينٽ کي بريفنگ ڏيڻ وارو مطالبو پڻ اهم آهي. قومي معاملن بابت چونڊيل نمائندن کي ڄاڻ ڏيڻ سان فيصلا وڌيڪ شفاف ۽ جوابدهيءَ جو نظام وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي ٿو.

سنڌ جي سياسي مفادن جي حوالي سان بلاول ۽ مولانا جي تقريرن جو پيغام وڌيڪ اهميت رکي ٿو. سنڌ جا مسئلا رڳو صوبائي اسيمبليءَ تائين محدود ناهن؛ مالي وسيلن جي ورڇ، صوبائي خودمختياري، پاڻي، توانائي، روزگار ۽ ترقياتي منصوبن بابت ڪيترائي اهم فيصلا وفاقي سطح تي ٿين ٿا. ان ڪري سنڌ جي نمائندن لاءِ ضروري آهي ته هو پارليامينٽ ۾ پنهنجو ڪردار اثرائتي نموني ادا ڪن. سنڌ جي حقن جو تحفظ صرف نعرا هڻڻ سان نه پر قانون سازي، بجيٽ، پارلياماني ڪميٽين ۽ آئيني فورمن تي مضبوط دليلن سان ممڪن آهي.

پيپلز پارٽيءَ لاءِ به اهو هڪ موقعو آهي ته اها پارليامينٽ جي بالادستيءَ بابت پنهنجي موقف کي عملي نتيجن سان ثابت ڪري. جيڪڏهن بلاول ڀٽو زرداري پارلياماني عمل ۾ شرڪت ۽ اتفاق راءِ تي زور ڏئي ٿو ته ان اصول کي سنڌ جي وسيلن ۽ صوبائي اختيارن بابت بحث ۾ به اهميت ملڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح مخالف ڌر کي به سنڌ جي جائز مطالبن تي پارلياماني سهڪار ڪرڻ گهرجي. پلي ان جا سياسي اختلاف پيپلز پارٽيءَ سان هجن. ٻئي طرف مولانا فضل الرحمان جي تقرير جو بنيادي نقطو اهو هو ته سياسي اختلاف کي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪرڻ بدران ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ گهرجي. هن حڪومت ۽ مخالف ڌر کي گڏ ويهڻ ۽ نئين ميثاقِ جمهوريت تي اتفاق ڪرڻ جي دعوت ڏني. سندس خيال ۾ ملڪ کي اهڙي سياسي ماحول جي ضرورت آهي، جتي مخالف راءِ رکڻ کي جرم نه سمجهيو وڃي ۽ سياسي مسئلن جو حل طاقت بدران ڳالهين ذريعي ڳوليو وڃي.

مولانا جو اهو موقف ان ڪري به اهم آهي جو پاڪستان ۾ سياسي ڇڪتاڻ جو نقصان رڳو حڪمران جماعت يا مخالف ڌر کي نٿو پهچي پر ان جا اثر پارليامينٽ، معيشت ۽ عام شهريءَ جي زندگيءَ تي پڻ پون ٿا. خيبرپختونخوا بابت گورنر راڄ يا ايمرجنسي جهڙا غيرمعمولي قدم سياسي اختلافن جو مستقل حل نٿا ٿي سگهن؛ اهڙن قدمن لاءِ آئين ۾ ڏنل شرطن، قانوني گهرجن ۽ جمهوري اصولن جو احترام ضروري آهي. ساڳئي وقت دهشتگرديءَ جهڙي سنگين مسئلي کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته امن امان ۽ صوبائي خودمختياري، ٻنهي معاملن کي قانون ۽ آئين جي دائري ۾ حل ڪيو وڃي.

بلاول ڀٽو زرداري ۽ مولانا فضل الرحمان جي تقريرن جا انداز مختلف آهن، پر ٻنهي مان هڪ گڏيل سبق ملي ٿو: جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سياسي قوتن کي ذاتي ۽ جماعتي اختلافن کان مٿي ٿي ادارن جي مضبوطيءَ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو.

هاڻي اصل امتحان اهو آهي ته ڇا حڪومت ۽ مخالف ڌر پنهنجي تقريرن کي عملي قدم ۾ تبديل ڪن ٿا؟ ڇا خيبرپختونخوا بابت آئيني اختلاف ڳالهين ذريعي حل ٿيندا؟ ڇا پارلياماني ڪميٽيون فعال ٿينديون؟ ۽ ڇا سنڌ سميت سڀني صوبن جي حقن بابت فيصلا انصاف ۽ آئيني اصولن تحت ٿيندا؟

جمهوريت جي ڪاميابي ڪنهن هڪ جماعت جي فتح ۾ نه پر آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جي خودمختياري ۽ عوام جي حقن جي تحفظ ۾ آهي. جيڪڏهن سياسي قيادت انهن اصولن تي عمل ڪري ٿي ته موجوده بحران به جمهوري استحڪام جو رستو بڻجي سگهي ٿو ٻي صورت ۾ تقريرون رڪارڊ جو حصو ته بڻبيون پر عوام جي زندگيءَ ۾ تبديلي نه آڻي سگهنديون.

تاريخ ماضيءَ جي نتيجن جو نچوڙ آهي!



مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن کان شروع ڪري رهيو آهيان ته اوهان پنهنجي معاشري ۾ عام طور پاپولر لفظ ضرور ٻڌو هوندو انهي لفظ جو مطلب مشهور هوندو آهي هي لفظ به روم کان شروع ٿيو ۽ هن جو بڻ بنياد ڪجهه ائين آهي ته جوليس سيزر جي دور ۾ روم ۾ پاپولرس جي نالي سان هڪ سياسي جماعت پنهنجو وجود رکندي هئي، انهيءَ سياسي جماعت جو نالو اڳتي هلي ڊڪشنرين ۾ پڻ شامل ڪيو ويو اتان ئي انهي پاپولرس مان پاپولر لفظ جنم ورتو ۽ اڳتي هلي جوليس سيزر پاڻ پاپولرس جماعت ۾ شامل ٿي ويو. اڳتي هلي جوليس سيزر سياست مان فوج ۾ آيو ۽ پوءِ تيزيءَ سان هو رومن فوج جو سپهه سالار بڻجي ويو هن جي قيادت ۾ هنن اسپين فتح ڪيو فرانس فتح ڪيو برطانيه فتح ڪيو ۽ پوءِ هو پنهنجي دور جو سڀ کان وڏو سپهه سالار بڻجي دنيا جي سامهون آيو جوليس سيزر پنهنجي ڏاهپ جي ذريعي پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان 46 قبل مسيح ۾ رومن ايمپائر جو شهنشاهه يعني سيزر بڻجي ويو ليڪن صرف ٻن سالن تائين هو روم جو سيزر رهيو، پر هن انهن ٻن سالن ۾ تاريخ تي اهڙا گهرا ۽ اڻ مٽ اثر ڇڏيا جو اڄ تائين دنيا جي تاريخ هن جي تذڪري کان بغير مڪمل ٿي نٿي ٿئي هن انهن ٻن سالن ۾ نه صرف پوري يورپ تي روم جو جهنڊو ڦڙڪايو بلڪي هن پنهنجي سلطنت شام ۽ مصر کان وٺي وچ ايشيا تائين پکيڙي ڇڏي. هن جي دور ۾ روم دنيا جو خوشحال ترين شهر هو پوري شهر ۾ ڪو به ماڻهو بي گهر، بي روزگار ۽ اڻ پڙهيل نه هو هن پوري سلطنت ۾ انصاف قائم ڪري ڇڏيو خبر گيري جو اهو حال هو جو مصر جي آخري سرحد تي چوري ٿئي ته هن کي روم ۾ خبر پئجي ويندي هئي انهي سان گڏوگڏ امن امان جي جوليس سيزر جي دور ۾ اهڙي حالت هئي جو هن جي ٻن سالن ۾ ڪنهن به تجارتي قافلي کي نه لٽيو ويو هن جي دور ۾ ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ ڪٿي به ڪا بغاوت نه ٿي هئي هي جوليس سيزر 15 مارچ سن 44 قبل مسيح ۾ پنهنجي دوست برٽس جي خنجر سان ماريو ويو ۽ هن جي موت سان برٽس يو ٽو جي پهاڪي جنم ورتو ٿيو ائين ته جڏهن سيزر پاڻ تي ٿيل قاتلاڻي حملي ۾ پنهنجي دوست بروٽس جي شرڪت ڏٺي تڏهن هڪدم بي ساخته هن جي وات مان اهو جملو نڪتو "برٽس تون به؟" پوءِ ته سيزر کي ضرور مرڻ کپي ٻين لفظن ۾ ائين چوڻ ته سيزر هارائي ويو، بروٽس کٽي ويو پر وقت گذري ويو انهي کان علاوه منهنجا نوجوانو سقراط جڏهن زهر جو پيالو پيتو ته ايٿنز جي حاڪمن سک جو ساهه کنيو ته سندن نوجوانن کي گمراهه ڪندڙ دوزخ رسيد ٿي ويو يعني يونان جي اشرافيه کٽي وئي، سقراط جي ڏاهپ هارائي وئي ۽ وقت گذري ويو وري اڄو اسڪاٽ لينڊ ڏانهن اسڪاٽ لينڊ جي آزادي جي جنگ وڙهندڙ دلير وليم والس کي انگلينڊ جي بادشاهه ايڊورڊ اول گرفتار ڪيو ۽ پوءِ انهي تي غداري جو مقدمو قائم ڪيو ويو هن کي اگهاڙو ڪري گهوڙن جي سنبن سان ٻڌي لنڊن جي گهٽين ۾ گهليو ويو ۽ پوءِ بي انتها ظلم ٿيڻ ڪانپوءِ يعني ناقابل بيان تشدد بعد هن کي ڦاهي ڏني هن جي ڦاسي ڏنل لاش جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويا هئي به ائين جوڻ ته انهي وقت جو بادشاهه ايڊورڊ اول کٽي ويو، دلير وليم والس هارائي ويو ۽ وقت گذري ويو. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو گليليو ثابت ڪيو ته زمين ۽ ٻيا سيارا سج جي چوڌاري ڦرن ٿا ته گليليو جو اهو نظريو ڪيٿولڪ چرچ جي خلاف هو يعني گليليو جو اهو نظريو ڪيٿولڪ عقيدي جي خلاف ورزي هئي چرچ گليليو تي ڪفر جي فتويٰ هنئي ۽ ڪيس اڻڄاتل مدت تائين قيد جي سزا ٻڌائي وئي اها سزا 1633ع ۾ ٻڌائي وئي، گليليو پنهنجي گهر ۾ ئي قيد رهيو ۽ 1642ع ۾ اتي ئي سندس وفات ٿي پادري کٽي ويا، گليليو يعني سائنس هارائي وئي ۽ اهو وقت به گذري ويو جيو رڊانو برونو تي پڻ چرچ جي عقيدن کان انحراف ڪرڻ جو مقدمو بڻايو ويو برونو پنهنجي دفاع ۾ گهڻو چيو ته سندس تحقيق عيسائيت جي عقيدي، خدا ۽ انهيءَ جي تخليق سان متصادم ناهي پر سندس ڳالهه نه ٻڌي وئي ۽ ڪيس پنهنجي نظرين کان مڪمل طور تي تائب ٿيڻ جي لاءِ چيو ويو برونو انڪار ڪري ڇڏيو جڏهن پوپ برونو کي 8 فيبروري 1600ع تي فيصلو ٻڌائي ڪافر قرار ڏنو تڏهن برونو هڪ تاريخي جملو چيو ته "آئون هي فيصلو ٻڌندي ايترو خوفزده ناهيان جيترو توهان هي فيصلو ٻڌائيندي خوفزده آهيو" انهي نتيجي ۾ برونو جي زبان ڪپي وئي ۽ پوءِ ڪيس زنده ساڙيو ويو يعني ٻيهر منهنجا پڙهندڙ نوجوانو پوپ کٽي ويو، برونو هارائي ويو ليڪن اهو وقت به گذري ويو ياد رکو منهنجا نوجوانو وقت گذريو وڃي پر اڳتي انهيءَ جا نتيجا حيران ڪندڙ هوندا آهن پر فقط ڏاهن جي لاءِ جيڪي سوچ سمجهه رکندڙ هوندا آهن اهڙو ئي هڪڙو واقعو 16 جنوري 1979ع تي پيش آيو جڏهن شاهه ايران کي ايران جي سرزمين ڇڏڻي پئي ۽ هو تهران مان جتين ئي نڪتو تيئن ئي هن جي باقي زندگي دربدري ۾ گذري شاهه ايران پنهنجو آخري وقت مصر ۾ گذارڻ تي مجبور ٿي ويو مصر ۾ هن جو هڪڙو استاد هوندو هو، هي استاد مصر ۾ گهڻو هن وٽ ايندو هو پوءِ شاهه ايران هن سان گڏ ويهي پنهنجي گذريل ماضي جي شاندار ڏينهن کي ياد ڪندو هو هڪڙي ڏينهن ائين ئي هن استاد سان ڪچهري ڪندي چيو ته "استاد ڇا اوهان مونکي منهنجي اها غلطي ٻڌائي سگهو ٿا جنهن جي ڪري منهنجي بادشاهت جو زوال شروع ٿيو؟" استاد اهو ٻڌي ڪجهه دير سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ آهستي آهستي نرم لهجي ۾ چوڻ لڳو "ماڻهو" اهو ٻڌي شاهه ايران حيران ٿي چوڻ لڳو مون کي اوهان جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي بادشاهه جا اهي لفظ ٻڌي استاد چوڻ لڳو ته حضور ماڻهو جڏهن ڪنهن کي پسند ڪندا آهن ته پوءِ اهو شخص خوش نصيبي جي بلندين تائين پهچيو وڃي ٿو ۽ جڏهن ماڻهو ڪنهن جي خلاف ٿيو وڃن ته پوءِ دنيا جي ڪابه طاقت هن کي برباد ٿيڻ کان بچائي نٿي سگهي استاد ڪجهه لمحي جي لاءِ ساهه کڻي وري چوڻ لڳو "جڏهن ماڻهو اوهان جي خلاف ٿي چڪو هو تڏهن اوهان اها ئي غلطي ڪئي جيڪا دنيا جا تقريبن حاڪم ڪندا آهن اوهان ماڻهن جي مخالفت کي سختي سان ڏٻڻ جي زور تي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اوهان اهو وساري ڇڏيو ته طوفان سيلاب ۽ ماڻهوءَ جي نفرت کي دنيا جي ڪا به طاقت روڪي نٿي سگهي" شاهه ايران اهو ٻڌي اداس ٿي پڇڻ لڳو اڃا استاد پوءِ پلا مون کي ڇا ڪرڻ کپندو هو؟ استاد شاهه ايران جا اهي لفظ ٻڌا ۽ پوءِ استاد ڪجهه دير کان پوءِ سوچي وري چوڻ لڳو جيڪڏهن اوهان ماڻهن جو جيو ڪيو ها ته اوهان جو اقتدار دولت عزت سڀ ڪجهه بچي وڃي ها ۽ اوهان اڄ ائين دربدري جي زندگي نه گذاريو ها اهو چئي استاد خاموش ٿي ويو، انهي کان پوءِ استاد اهڙا تاريخي لفظ چيا جو انهن لفظن جي لاءِ شاهه ايران اها وصيت ڪئي ته جڏهن آئون مري وڃان ته اهي الفاظ منهنجي قبر جي ڪتبي تي لکيا وڃن شاهه ايران جي استاد جا لفظ اهي ها ته "دنيا جا نوي سيڪڙو حاڪم دشمنن بجاءِ پنهنجي ضد ۽ پنهنجي انا جي ئي هٿان ماريا وڃن ٿا."

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو تاريخ ۾ فتح ۽ شڪست جو فيصلو انا، ضد يا طاقت جي بنياد تي نه ٿيندو آهي يونان جي اشرافيه سقراط کان وڌيڪ طاقتور هئي پر تاريخ ثابت ڪيو ته سقراط جو سچ انهن جي ڏاڍ، انهن جي جبر، انهن جي ظلمن کان وڌيڪ طاقتور هيو، انهي کان علاوه غور ڪريو وليم والس جي دردناڪ موت بعد انهي جو نالو وٺندڙ به ڪير نه هجڻ گهرجي ها پر اڄ تاريخ ۾ وليم والس امر ٿي چڪو آهي. ايبرڊين کان وٺي ايڊنبرا تائين وليم والس جا مجسما ۽ يادگارون قائم آهن يعني تاريخ ۾ وليم والس هميشه جي لاءِ زنده رهجي ويو، گليليو تي ڪفر جي فتوا هڻندڙ چرچ پنهنجون سموريون فتوائون واپس وٺي چڪا آهن رومن ڪيٿولڪ چرچ اڍائي سؤ سالن بعد تسليم ڪيو ته گليليو صحيح هيو ۽ انهي وقت جا پادري غلط ها منهنجا پڙهندڙ نوجوانو برونو کي زنده ساڙيندڙ به اڄ هي ڳالهه مڃڻ تي مجبور آهن ته برونو جو علم ۽ نظريو صحيح هيو ۽ ڪيس اذيتناڪ موت ڏيندڙ غلط هئا. مطلب ته هميشه تاريخ جو فيصلو دير سوير اچيو وڃي ياد رکو اڄ کان هڪ سؤ سال پوءِ اسان مان ڪوبه زنده نه رهندو ۽ تاريخ اسان کي پويان اڇلائي اڳتي نڪري ويندي

اڄ اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي ته اسان مان ڪير تاريخ جي صحيح طرف بيٺو آهي ۽ ڪير تاريخ جي غلط رستي تي آهي. ڪير حق جو ساٿي آهي ۽ ڪير باطل جي ڪلهي سان ڪلهو ملايو بيٺو آهي ڪير سچائي جو علمبردار آهي ۽ ڪير ڪوڙ جي واڌ ويجهه ڪري رهيو آهي؟ ڪير ديانتدار آهي ۽ ڪير بي ايماني جي لباس ۾ پوشيده آهي؟ ڪير ظالم آهي ته ڪير وري مظلوم. اسان مان هر ڪو پنهنجو پاڻ کي حق سچ جو علمبردار سمجهندو آهي پر اسان سڀني کي خبر آهي ته اهو دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ آهي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هر شخص حق جو علم کنيو بيٺو آهي ته پوءِ هن ڌرتيءَ تان ظلم ۽ ناانصافي کي خودبخود ختم ٿيڻ گهرجي ها. پر سيئي جڳي طرح ڄاڻن ٿا ته اسان انهيءَ منزل کان ڪيترو پري بيٺل آهيون اڄ کان سؤ سال پوءِ جڏهن ڪو مؤرخ اسان جو احوال لکندو ته هو هڪ ئي ڪسوٽي تي اسان سڀني کي پرکيندو، پر افسوس جو انهي وقت تاريخ جو بي رحم فيصلو ٻڌڻ جي لاءِ اسان مان ڪوبه زنده نه هوندو تنهن ڪري اڄ اسان جنهن دور مان گذري رهيا آهيون، جوڻ پنهنجو پاڻ کي اسان هڪ بي رحم ڪسوٽي تي پرکي ونون ۽ ڏسي ونون ته اسان ڪٿي يوناني اشرافيه سان گڏ ته نه بيٺا آهيون، جن سقراط کي زهر جو پيالو پياريو يا اسان برونو کي زنده ساڙيندڙ ڏسي پادرين سان گڏ تاڙيون ته نه وڄائي رهيا آهيون، ياد رکو پنهنجو پاڻ کي ڏسو متان اسان تاريخ جي غلط سمت ۾ ته نه بيٺا آهيون ۽ جديد لباس پهريل يوناني اشرافيه يا برونو کي زنده ساڙيندڙ پادرين جي نون دلاسن جي جار ۾ ته نه قاتل آهيون؟ هنن سولن جو جواب ڳولهي پنهنجي غلطي کي تسليم ڪرڻ وڏي ظرف جو ڪم آهي جنهن جو اڄڪلهه ڏڪار آهي

ياد رکو وقت ته گذري ئي وڃي ٿو پر ڏسڻو صرف اهو هوندو آهي ته ڪنهن پنهنجو اهو وقت ڪيئن گذاريو. آيا هو ماڻهن جي دلين ۾ هميشه جي لاءِ زنده رهي پاپولر بڻجي ويو يا تاريخ جي ورقن ۾ هو پنهنجي ضمير جو ڏوهاري؟

انقلابن جي نينڊ



رسول بخش رئيس

گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ناهي! مان ڪنهن اهڙي انقلاب جي اڳڪٿي نه پيو ڪريان، جنهن جي نتيجي ۾ ڪنهن ملڪ جي حڪمرانن جا تاج اڇلايا وڃن. انهن بابت فيصلو تاريخ تي ڇڏيون ٿا. مان جنهن انقلاب جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، اهو اڃا اچڻو ناهي، پر اچي چڪو آهي. ان جا اثر ايندڙ وقت ۾ وڌيڪ گهرا ۽ وسيع ٿيندا. هي انقلاب مڪمل طور آبادگارن جي سوچ، جيئي ماڻهن جي جدت ۽ سندن صنعتي ترقيءَ جو نتيجو آهي. اسان جون حڪومتون به جيڪڏهن ان ۾ ڪو وڏو ڪردار ادا نه ڪري سگهيون آهن ته گهٽ ۾ گهٽ سهولتڪاري ضرور ڪئي آهي ۽ اڃا تائين ان جي راهه ۾ رنڊڪون به نه وڌيون آهن. اهڙن انقلابن لاءِ نه ڪا خاص حڪمت عملي هوندي آهي ۽ نه ئي ڪا اڳواٽ رٿابندي. نه ئي ڪا مرڪزي قوت هوندي آهي، جيڪا ان کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي، ڪا خاص سمت ڏئي يا ان جي رفتار کي پنهنجي مرضيءَ موجب تيز يا سست ڪري سگهي.

مان پاڻ به آبادگار آهيان ۽ ملڪ جي هر حصي ۾ جتي به وڃڻ ٿيندو آهي، اتي آبادگارن سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن. تنهن ڪري اسان لاءِ ٻيو ڪو به موضوع ايترو دلچسپ نه هوندو آهي، جيترو وٽن، ميون، ڀاڄين ۽ مختلف فصلن جي پوک بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. جتي به ڪو آبادگار ملي ٿو ته پهريون سوال اهو ئي هوندو آهي ته ڪهڙو فصل پوکيو ٿا؟ ڪيترا ميويدار وڻ لڳايا اٿو؟ باغ آهي يا رڳو فصلن تي گذارو ڪيو ٿا؟ وڏن زميندارن ۽ وچولي طبقي جي آبادگارن جي سماجي حيثيت ۾ ته زمين آسمان جو فرق آهي، پر ان جي باوجود سڀ هڪٻئي کان سکندا آهن. ٻين جي تجربن، غلطين ۽ ڪامياب مان سبق حاصل ڪندا آهن. آبادگاري هميشه هڪ کليل درسگاهه رهي آهي، جتي ڪجهه سکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪنهن ڊگريءَ جي ضرورت ناهي هوندي. رڳو تجربو، مهارت، لڳن، زمين سان محبت ۽ ان سان جڙيل رشتو ئي انسان کي وڏو استاد بڻائي ڇڏين ٿا. ڪتابن ۾ زراعت ۽ باغبانيءَ بابت ڄاڻ جي ڪا کوٽ ناهي ۽ نه ئي ان جي اهميت کان انڪار ڪري سگهجي ٿو پر مون عام آبادگارن کي ڏسي ۽ سندن ڳالهيون ٻڌي ڪتابن جي پيٽ ۾ گهڻو ڪجهه وڌيڪ سکيو آهي. صنعتي دور جي مفڪرن ۽ جديد شهرن جي مشيني زندگيءَ جي سحر ۾ گرفتار دانشورن، هاريءَ ۽ آبادگار کي رڳو ڳوٺاڻي يا قديم دور جي انسان جي معنيٰ ۾ پيش ڪيو آهي. ان مان اهو تاثر ملي ٿو ته ڄڻ هو اڃا تائين ماضيءَ جي اونداهين ۾ زندگي گذاري رهيو هجي.

دنيا جي ڪنهن به حصي جي ڳوٺاڻي زندگي، شهرن جي رونق، چمڪ دمڪ ۽ هڻ هٽان کان مختلف هوندي آهي. ان جي رفتار پلي سست محسوس ٿئي، پر ان جي سوچ، فڪر ۽ ڏسڻ جي انداز ۾ سمنڊن جهڙي گهرائي هوندي آهي. بدقسمتيءَ سان ان جو اظهار ان انداز ۾ نه ٿي سگهيو آهي يا شايد اسان جي ٻولي ۽ اظهار جي ذريعن ۾ اها سگهه ناهي جو صبح سوير اوڀر کان اڀرندڙ روشنيءَ جي ڪرڻن جو سرنهن جي ٻنين تي وسڻ ۽ انهن ٻنين جي اندر موجود حُسن ۽ زندگيءَ جي دنيا جو اهڙو بيان ڪري سگهجي، جهڙو شاعر پنهنجي محبوب جي تعريف ۾ ڪندا رهيا آهن. فطرت جي نظارن کي انسان جنهن انداز ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي روح جي دنيا ۾ سمائي ٿو اهو احساس ٻنين جي پيچرن تي هلندڙ مسافرن کي اظهار جي پابندين کان به آزاد ڪري ڇڏي ٿو.

ٻنين، باغن ۽ زمين جي سيني کي چيري ان کي سرسبز ۽ آباد ڪرڻ جو عمل هميشه مضبوط هٿن، وسيع سوچ ۽ وڏي دل جو گهرجائو رهيو آهي. مان اڪثر اوهان کي اهو ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ته جڏهن اوهان جي ميز تي کاڌو موجود هجي ته انهن ماڻهن بابت به ضرور سوچيو جيڪي سياري جي سرديءَ ۽ اونهاري جي اُس ۾ پگهر وهائي، ملڪ جي پنجويهه ڪروڙ ماڻهن لاءِ خوراڪ جو بندوبست ڪن ٿا.

آبادگارن جي مجبوريءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. هو حڪومتن جي اوچتو تبديل ٿيندڙ پاليسين ۽ وچولين جي ڦرلٽ باوجود ڪڻڪ، سارين ۽ ڪپهه جي پوک شروع ڪري ڇڏيندا آهن. منهنجي نظر ۾ اها سندن پيشيورانه ذميواري آهي ۽ حالتون ڪهڙيون به هجن، هو پنهنجي نفعي نقصان کي نظر ۾ رکندي ڪجهه نه ڪجهه پوکيندا ضرور رهندا. پريشان نه ٿيو هو نقصان برداشت ڪري به قوم جو پيٽ پاليندا رهندا، ڇاڪاڻ ته نسلن کان ائين ئي ڪندا پيا اچن.

ملڪ ۾ زرعي انقلاب اچي چڪو آهي ۽ ان جي اندر به ڪيترائي ننڍا ننڍا انقلاب جنم وٺي رهيا آهن. دل ته چاهي ٿي ته انهن مان هر هڪ بابت الڳ الڳ لکان، پر اسان وٽ ته مجموعي طور مايوسيءَ وارا بيانيا ڇانيل آهن ۽ عام ماڻهو هاڻي اميد افزا خبرن تي به يقين ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. جيڪڏهن اهڙا انقلاب ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ اچن ها ته وڏن وڏن اخبارن جون مُک سرخيون بڻجن ها ۽ ڪتابن جا عنوان هجن ها. زيتون، ڪجور، انب ۽ شايد انهن ميون بابت، جن جو نالو به گهٽ ماڻهن ٻڌو هوندو، يعني ايوڪاڊو جي پوک ۾ حاصل ٿيندڙ وڏين ڪاميابين جو ذڪر ڪنهن ٻئي وقت ڪنداسين. هن وقت زراعت جي شعبي ۾ شمسي توانائيءَ جي انقلاب بابت ڪجهه ڳالهائڻ مقصود آهي. جيڪڏهن ڪو چوي ته اها خبر هاڻي پراڻي ٿي چڪي آهي ته اهو به غلط نه هوندو جنهن تيزيءَ سان ۽ بنا ڪنهن شور شرابي جي هيءَ تبديلي آئي آهي، تنهن ڳوٺن ڏانهن سفر ڪندڙ ماڻهن کي به حيران ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي ڊيزل انجڻ، جنهن کي عام طور پيٽر انجڻ چيو ويندو آهي، ماضيءَ جي ڳالهه بڻجي چڪي آهي. ان جو استعمال هاڻي رڳو مجبوريءَ جي حالت ۾ ئي ٿئي ٿو، جڏهن سخت ضرورت هجي يا سج ڪڪرن جي اوٽ ۾ لڪي وڃي. جيڪڏهن انگن اکرن جي چڪر ۾ پئبو ته اهي نه ته مڪمل طور نوان آهن ۽ نه ئي قابل اعتبار. پر حقيقت ته زمين تي اسان جي اکين اڳيان موجود آهي. لکين ٽيوب ويل شمسي توانائيءَ سان هلي رهيا آهن ۽ ان انگ ۾ هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ لکين جو اضافو ٿي رهيو آهي. صوبائي حڪومتن به ان سلسلي ۾ پنهنجو حصو وڌو آهي. پر ان تبديليءَ جي شروعات ۽ سيڙپڪاري آبادگارن پاڻ ڪئي آهي. هاري به ايترو ئي ذهين ۽ عقل وارو هوندو آهي، جيترو ڪنهن ٻئي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو ٿي سگهي ٿو. انگريزيءَ جو لفظ 'ريشنل (Rational)' ڪنهن خاص نسل، جنس يا پيشي لاءِ مخصوص ناهي. مون پاڻ به گهڻو ڪجهه ٻين آبادگارن کان سکيو آهي. ڪيترائي سال اڳ، پنهنجي ڳوٺاڻي سفر دوران هڪ ٻنيءَ جي وچ ۾ شمسي پينل لڳل ڏٺم. اهي پينل هڪ اهڙي شخص جا هئا، جنهن ڪڏهن ڪنهن اسڪول جو در به نه ڏٺو هو. ان جو اسڪول اها ٻني ئي هئي. ان جدت جي شروعات هن ڪئي هئي، يا شايد هو اڪيلو نه هو. هاڻي ننڍن ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن تائين شمسي توانائيءَ جو ڪاروبار اهڙيءَ طرح پکڙجي چڪو آهي ۽ مسلسل وڌي رهيو آهي، جو اهو وقت پري ناهي، جڏهن ماڻهو بجليءَ جا ميٽر لاهي واپس بجلي فراهم ڪندڙ ادارن جي حوالي ڪري ڇڏيندا. شمسي توانائيءَ جو استعمال رڳو زراعت ۾ زمين مان پاڻي ڪڍڻ تائين محدود ناهي. دنيا ۾ هاڻي وڏيون وڏيون ٽرڪون ۽ ٽريڪٽر به بجليءَ تي هلڻ لڳا آهن ته پوءِ اسان کي ڪهڙي ڳالهه جو انتظار آهي؟

اسان جون حڪومتون اڃا تائين وچولي ۽ مٿئين طبقي جي سهولتن ۾ واڌاري لاءِ برقي گاڏين جون پاليسيون ناهڻ ۾ مصروف آهن. سائينا ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته موجوده موٽرسائيڪلن جا ڪارخانا شمسي توانائيءَ سان هلندڙ اسڪوٽين جي تياريءَ ڏانهن راغب ڪيا وڃن. زرعي مشينري به شمسي توانائيءَ سان هلائي سگهجي ٿي. آبادگار هميشه ٻين کي ڏسي، يعني ڪنهن جي تجربي مان سکندي اڳتي وڌندو آهي. جيڪڏهن برقي ٽريڪٽر مارڪيٽ ۾ موجود هجن ۽ ٻيا آبادگار انهن کي استعمال ڪري رهيا هجن ته ڪو به آبادگار پنهنجي سڄي عمر جي بچت ان تي لڳائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو اصل ڳالهه ترجيحن جي آهي. جديد صنعتن جي اهميت پنهنجي جاءِ تي آهي، جيڪي وقت سان گڏ تبديل ٿينديون رهنديون، پر زراعت هر دور ۾ زندگيءَ جو سلسلو برقرار رکڻ لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪندي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ به ڪندي رهندي. حڪومتن جو ڪم آهي ته اهي رستو ڏيکارين، سهولتون فراهم ڪن ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ تائين رسائي ممڪن بڻائين.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته عام آبادگار شمسي توانائيءَ ۾ پهرين سيڙپڪاري زراعت جي شعبي ۾ ڪئي آهي ۽ پوءِ ان مان ٿيندڙ بچت ذريعي پنهنجي گهرن ۾ به اها سهولت حاصل ڪري رهيو آهي. هاڻي رڳو اهو خدشو آهي ته ڪٿي حڪومت سج جي روشنيءَ تي به ٽيڪس لاڳو نه ڪري ڇڏي! ڇاڪاڻ ته حڪمرانن نجي بجلي گهرن (آءِ پي پيز) سان جيڪي معاهدا ڪيا آهن، انهن تحت بجلي پيدا نه ڪرڻ جي صورت ۾ به هر سال لڳ ڀڳ پندرهن کان ويهه کرب رپيا ادا ڪرڻا پون ٿا. شمسي توانائيءَ جو هي انقلاب دراصل انهن ئي حالتن جي ردعمل جو نتيجو آهي.

تڪليفن کان آسانيءَ تائين: ٻن شخصيتن ۾ هڪجهڙائي



رحمت الله ٻرڙو

تاريخ پاڻ کي ڪڏهن به مڪمل طور تي نه ورجائيندي آهي پر ان جي گونج ضرور ٻڌڻ ۾ ايندي آهي گلوبل ساؤٿ ۾ ٻه سياسي شخصيتون جيڪي هزارين ميلن جي فاصلي تي جاين، طاقت جي ساڳي تضاد جي علامت بڻجي ويون آهن برازيل جو لوئيز اناسيو لولا دا سلوا ۽ پاڪستان جو آصف علي زرداري. لولا هڪ فيڪٽري ۾ پنهنجي آڱر وڃائي ويٺو، ٻئي جيل ۾ پنهنجي زندگي جا يارهن سال وڃائي ويٺو پر ٻئي انتقام جي تلوار سان نه پر مفاهمت جي شاخ سان واپس آيا. سندن ڪهاڻيون اسان کي ٻڌائين ٿيون ته عوام پرستي جو به هڪ انساني چهرو ٿي سگهي ٿو.

لولا جي ڪهاڻي لاطيني آمريڪا ۾ لوڪ ڏند ڪٿا آهي 1945ع ۾ پرنامبوڪو ۾ اڻ پڙهيل هارين جي گهر ۾ ڄائو. هن بوٽ پالش ڪيا ۽ مُنگ وڪرو ڪندڙ رهيو. ان کان پوءِ ساؤ پائولو جي صنعتي پٽي ۾ خيراتي مشين هلائيندڙ بڻيو 19 سالن جي عمر ۾ پريس مشين جي حادثي ڪيس ننڍڙي آڱر کان محروم ٿيو پر ڪيس مزدور طبقي سان زندگي ڀر جي سڃاڻپ ڏني هن برازيل جي فوجي آمريت دوران ڌاتو مزدور يونين مان اڀري، ٽي صدارتي چونڊون هارايون. ڪرپشن جي الزامن ۾ 580 ڏينهن جيل ۾ گذاريا. جيڪي بعد ۾ ڪالعدم قرار ڏنا ويا ۽ پوءِ جديد سياست جي سڀ کان شاندار واپسي ڪندي 2022ع ۾ ٽيون پيرو ۽ آڪٽوبر 2026ع ۾ چوٿون پيرو صدر چونڊيو ويو. آصف علي زرداري جو تعارف ٿورو مختلف آهي پر تڪليف ۾ هڪجهڙائي آهي سنڌ جي زميندار گهراڻي ۾ ڄائو. هن جي سياسي شروعات فيڪٽريءَ مان نه پر مصيبتن سان ٿي يارهن سالن کان وڌيڪ جيل اڪيلائي جو قيد، جسماني تشدد جنهن کي هن پاڻ نوآبادياتي ڪاري پاڻيءَ کان به بدتر قرار ڏنو ۽ 2007ع ۾ سندس جيون ساٿي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو قتل ان مرحلي تي گهڻا ماڻهو تلخيءَ جو رستو اختيار ڪندا آهن. تڏهن آصف علي زرداري اهو رستو چونڊيو جنهن کي هن مشهور جملو سڏيو: "جمهوريت بهترين انتقام آهي" ٻنهي صورتن ۾، جيل جي ڪوٺڙي هڪ سياسي يونيورسٽي بڻجي وئي جيئن پراڻي چوڻي آهي جيڪو توهان کي ماري نٿو سگهي اهو توهان کي مضبوط بڻائي ٿو.

جيڪا شيءِ لولا ۽ آصف علي زرداريءَ کي حقيقت ۾ ڳنڍي ٿي اها سندن تڪليف نه پر ان کان پوءِ سندن حڪومت ڪرڻ جو انداز آهي لولا بنياد پرست وانگر حڪومت ڪري سگهيو ٿي ان جي بدران، هو برازيل جو وڏو مصلحت ڪار بڻجي ويو پنهنجي پهرين ٻن دورن (2003-2010) ۾، هن "بولسا فيمليا" ذريعي 3 ڪروڙ کان وڌيڪ برازيلين کي غربت مان ڪڍيو امير کي سزا ڏئي نه پر اشرافيه ۽ غريبن کي هڪ ئي ميز تي آڻي سندس ٽيون دور به ساڳيو رهيو آهي انتهائي ورهايل برازيل جي باوجود، هن (پريشان پاڻي تي پل) ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

زرداري پاڪستان ۾ 'مفاهمت جي بادشاهه' جو لقب بلڪل انهي ئي سبب لاءِ ڪمايو جڏهن هن 2008ع ۾ صدارت سنڀالي پاڪستان ڪناري تي بيٺو هو عدليه بغاوت تي هئي بلوچستان ۽ سوات ۾ ويڙهه جاري هئي ۽ وفاق ڪمزور هو. هن جو جواب پارلياماني سياست جو درسي ڪتاب هو هن ان اتحاد کي زنده رکيو جنهن بابت ڪيترن جو خيال هو ته اهو 90 ڏينهن به نه هلي سگهندو. اهو عمل پنجن سالن تائين هليو پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هڪ سول پارليامينٽ پنهنجو مدو (2008-2013) پورو ڪيو ۽ پرامن طور تي اقتدار منتقل ڪيو اهڙي دور ۾ جتي ڪيترائي اڳواڻ پل ساڙيندا آهن زرداري پل ٺاهڻ ۾ مصروف هو مري معاهدي ذريعي نواز شريف سان، آغاز حقوق بلوچستان پيڪيج ذريعي بلوچ قومپرستن سان ۽ پارليامينٽ ۾ سمورن اسٽيڪ هولڊرن سان.

لولا ۽ زرداري اسان کي ٻڌائين ٿا ته حقيقي طاقت عهدي تي ويهڻ ۾ نه پر ان کي ڇڏڻ ۾ آهي لولا عمليت پسندي لاءِ بنياد پرستي کي ڇڏيو، زرداري پارلياماني بالادستي لاءِ صدارتي طاقتن کي ڇڏيو.

اڄوڪو ڏينهن —— 31 آڪٽوبر

جام ساقي

اڄ مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ جام ساقيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هنجو اصل نالو محمد جام ولد محمد سچل جهنجهي هو ۽ هن جو جنم 31 آڪٽوبر 1944ع تي ڇاڇري جي ڳوٺ جهنجهيءَ ۾ ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول ڇاڇري مان پاس ڪيائين. بي اي جي سند سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم اي (سياست) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن اسڪول واري زماني ۾ ئي سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور ونڊ شروع ڪيو. ڪاليج واري زماني ۾ حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو جنرل سيڪريٽري ۽ بعد ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو پهريون صدر چونڊيو. 1972ع ڌاري نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. سنڌ ۾ هڪ ڪميونسٽ اڳواڻ طور چڱي مشهوري ماڻيائين. هن 3 اخبارون هلچل (سنڌي)، سرخ پرچم (اردو) ۽ جدوجهد (اردو) جاري ڪيون. پنهنجي ڏکئي جدوجهد دوران مٿس بغاوت جا ڪيس هلايا ويا ۽ ڪيترائي سال قيد ۽ بند جون سختيون برداشت ڪيائين. 1988ع ۾ هن جرمني، چيڪو سلواڪيه ۽ سوويت يونين سميت مختلف ملڪن جا دورا ڪيا. 1994ع ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار چونڊيو ويو. هو هڪ سٺو ليکڪ به هو ۽ سندس پهرين ڪهاڻي ٻارن جي رسالي گلشن ادب ۾ ڇپي هئي. هن جي لکيل ڪتابن ۾ ڪاهوڙي ڪچن (ناوليٽ)، سنڌ جي شاگرد تحريڪ، مظلوم قومن جو مستقبل، ڇڪين جي جيت ڪري ۽ ضمير جا قيدي شامل آهن. هن 5 مارچ 2018ع تي وفات ڪئي.



اعجاز علي چانڊيو

اعجاز علي چانڊيو حيدرآباد جو مشهور ۽ محنتي صحافي هو صحافتي برادريءَ ۾ ڪيس اي جي چانڊيئي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هو 31 آڪٽوبر 1966ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيائين. هن جا ڪيترائي ڪالم، ڪهاڻيون، فيچر ۽ رپورٽون مختلف سنڌي اخبارن جي زينت بڻيون. هن "روزاني عبرت اخبار" جي ايڊيٽوريل صفحي جي انچارج طور به ڪم ڪيو هو هڪ ناليوارو ڊراما نويس به هو. سندس ڪيترائي ڊراما اسٽيج ٿيا. عمر جي آخري ڏهاڙي تي هن حيدرآباد پريس ڪلب ۾ امر جليل سان ملهايل شام ۾ شرڪت ڪئي، انهيءَ تقريب دوران کيس دل جو دورو پيو ۽ 27 مئي 2007ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.



ارجن بجلاڻي

ارجن بجلاڻي هندستاني ٽيليويزن ۽ فلم جو مشهور سنڌي اداڪار آهي. هو 31 آڪٽوبر 1982ع تي ممبئيءَ جي سنڌي هندو خاندان ۾ پيدا ٿيو. هن پهريائين ممبئي اسڪاٽش اسڪول مان ۽ پوءِ هسارام ريجهومل ڪاليج آف ڪامرس ۽ ايڪانامڪس مان تعليم حاصل ڪئي. هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا 2004ع ۾ هندستان جي هنگاما ٽيليويزن چئنل جي ڊراما سيريل ڪارتيڪا ۾ اداڪاريءَ سان ڪئي. ان بعد هن ٻين به ڪيترن ئي ٽيليويزن ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. سندس مشهور ڊرامن ۾ ليفٽ رائيٽ ليفٽ، ملي جب هم تم، ميري عاشقي تم سي هئي، ناگن، پرديس ۾ هئي ميرا دل ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن. هڪ اداڪار طور هن جي پهرين فلم ڊائريڪٽ عشق آهي، جيڪا 2016ع ۾ رليز ٿي.



مولانا مير فخرالدين علوي



مختيار اٿر

مولانا مير فخرالدين علوي پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ نيڪ انسان هو. هن جي ولادت 1825ع ڌاري شڪارپور ۾ ٿي. هن کي فارسي ٻوليءَ تي وڏو عبور حاصل هو. هن فارسي ٻوليءَ ۾ شاعري به ڪئي. پاڻ هڪ وڏو حڪيم پڻ هو. هن جو ڏاڏو فقيرالله علوي به وڏو عالم هو. فخرالدين علوي پنهنجي بزرگن جي قائم ڪيل علوي درسگاهه ۾ ٻارن کي درس به ڏيندو هو. هن کي مطالعي جو تمام گهڻو شوق هو. سندس قائم ڪيل علوي ڪتب خانو قيمتي ڪتابن جو هڪ وڏو خزانو هو. عبدالخالق راز پنهنجي ڪتاب تاريخ شڪارپور ۾ هن جي وفات جي تاريخ 31 آڪٽوبر 1854ع ٻڌائي آهي.

چاڪر علي خان جوڻيجو

اڄ مشهور سياستدان ۽ ليکڪ چاڪر علي خان جوڻيجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڏامراهه ۾ 5 ڊسمبر 1928ع تي صاحب خان جوڻيجي جي گهر ۾ ٿيو. هنجو والد پنهنجي علائقي جو وڏو زميندار ۽ راڄ جو چڱو مڙس هو. خلافت ۽ هجرت تحريڪ جو مشهور اڳواڻ رئيس جان محمد جوڻيجو هن جو چاچو هو. شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن انگلينڊ مان وڪالت جي سند حاصل ڪئي. انگلينڊ ۾ پڙهڻ دوران هن جي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان دوستي ٿي وئي، جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهي. وطن واپس اچڻ کان پوءِ هن پنهنجي اباڻي زمينداري سنڀالڻ سان گڏ سياست ۾ حصو ورتو. هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي پيپلز پارٽيءَ جو لڳ ڀڳ 10 سال صدر رهيو. هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به رهيو ۽ ڪجهه عرصو عربن جي گڏيل امارات (United Arab Emirates) ۾ پاڪستان جي سفير جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. هن 31 آڪٽوبر 1997ع تي دم ڏنو. ٿڌيءَ حوالي ڪيو. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ساروڻين تي مشتمل ڪتاب — Zulfiqar Ali Bhutto A Memoire لکيو. اهو ڪتاب نه فقط ذوالفقار علي ڀٽي جي زندگيءَ تي لکيل هڪ اهم ڪتاب آهي، بلڪه سياسي ادب جو هڪ انمول خزانو پڻ آهي.

امرتا پريتم



امرتا پريتم جو نالو ننڍي کنڊ جي ادبي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. هوءَ بلند پائي جي ناول نگار، ڪهاڻيڪاره، مضمون نگار ۽ شاعره هئي. هن جون پنجابيءَ ۾ لکيل تحريرون انگريزي، فرانسيسي، اردو ۽ سنڌيءَ سميت ننڍي کنڊ جي مختلف ٻولين ۾ ترجمون ٿي چڪيون آهن. امرتا جو اصل نالو امرت ڪور هو. هنجو جنم 3 آگسٽ 1919ع تي پنجاب جي شهر گوجرانوالا ۾ ٿيو. سندس والد ڪرتار سنگهه به هڪ وڏو شاعر ۽ اديب هو جڏهن ته هن جي ماءُ راڄ بيبي اسڪول ٽيچر هئي. امرتا اڃا يارهن سالن جي مس هئي جو سندس والده وفات ڪئي. ان بعد امرتا پنهنجي پيءَ سان گڏ لاهور ۾ رهائش اختيار ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ لاهور ڇڏي دهليءَ ۾ وڃي ٽانيڪي ٿي. هن 1961ع تائين آل انڊيا ريڊيو جي پنجابي سروس ۾ ڪم ڪيو. هن ننڍي عمر کان ئي لکڻ شروع ڪيو. هوءَ اڃا 16 سالن جي مس هئي جو جڏهن سندس پهريون شعري مجموعو "امرت لهران" ڇپجي پڌرو ٿيو هن جي لکڻين ۾ رومانيت جا رنگ، ورهاڱي جا وڍ، عورتن سان ٿيندڙ زيادتيون، ازدواجي زندگيءَ جون تلخيون ۽ انقلابيت جا عڪس چٽا نظر اچن ٿا. هن جي ڪتابن جو تعداد 100 کان مٿي آهي، جن ۾ ناول، ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، جيون ڪٿائون ۽ لوڪ ادب شامل آهي. هن مهان ليکڪا 31 آڪٽوبر 2005ع تي هي جهان ڇڏيو.

بقايا 1 روزاني عبرت

يو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 2 روزاني عبرت

ڦرن جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث جوابدار شاهد علي ولد رمضان ملوڪاڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ بگ ماڻوزر ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب سندس ٻه هٿيارٻند ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا بي سيڪشن پوليس گرفتار جوابدار خلاف پوليس مقابلي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهن تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

ال پاڳيا، بيخود بلوچ، پريل دايو، اسد چاچڙ، مير شيخ، مجيب الرحمان پنهور، ذوالفقار ڪوراڻي شفيق نواز پنهور رهن ڪئي ميلي جو افتتاح ڪيو، ميلي جي پهرين ڏينهن تي شهر جي معززن ماڻهن، شاگردن، ساڃاهه وندن ۽ اديبن سرور سيف، امداد جسڪاڻي، مجيد نواز مغل، طاهر ترابي، ڊاڪٽر دوست محمد ڪلهوڙو، ارشاد رستم انيڙ ۽ امتياز اسير ڳالهائيندي چيو ته ڪتابن کان دوري جي دور ۾ ڪتابي ميلا ڪتابن جي جيابي جو سبب آهن نوجوان طبقو ڪتاب خريد ڪري پنهنجي شعور ۾ اضافو آڻي ٿو ۽ ڪتاب سيرت ساڃاهه جا سرچشما آهن.

بقايا 4 روزاني عبرت

پيڪ روڊ تان اغوا جي وارداتن ۽ دهشتگردي سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سارجي ويل ڏوهاري وٽان هڪ ڪلاشنڪوف پڻ هٿ ڪئي وئي آهي واقعي بابت ايس ايس پي سکر پاران وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻ جا امڪان آهن.

بقايا 5 روزاني عبرت

رپيا وصول ڪري واپس پنهنجي ڳوٺ اچي رهيو هو ته ٻه هٿ ٻدل ڪن جوابدارن ڪانٽس لوڪل بورڊ پرسان 3 لک رپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. هو جڏهن واقعي جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ سيوهڻ ٿاڻي پهتو ته اتي موجود ننڍي منشي فرياد وٺڻ کان انڪار ڪيو هن ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڦريل رقم واپس ڪرائي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 6 روزاني عبرت

ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻي ۾، شهري اتحاد سڪرنڊ جي وفد صدر سانول ڪيريو جي اڳواڻي ۾ ۽ نيشنل پريس ڪلب جي وفد سربراهه غلام قادر چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي امينن جي اجازت سان پهرين فريادي سالار خانزاده واري ڌر پاران موقف پيش ڪيو جن الزام هنيو ته اسان جي نوجوان کي صدرالدين نوناري واري ڌر نشو ڏئي مٽس تشدد ڪيو جنهن کي اسان سرٽيڪنگ حالت ۾ ڪٺي اسپتال آندو جتي نوجوان سالار الزام هيٺ آيل ڌر جا نالا کنيا آهن جنهن بعد نوناري برادري پاران موقف ڏنو ويو ته اسان جي نوجوانن تي لڳل الزام بي بنياد آهن جن ۾ صداقت ناهي ٻنهين ڌرين جون ڳالهيون ۽ شاهديون ٻڌڻ بعد سيد زين شاهه فتويٰ ٻڌائي ته شيري سولنگي ۽ ثاقب ملڪ ڏوهي ثابت ٿيا آهن جن تي پنج لک روپيه ڏنڊ جڏهن ته الزام هيٺ آيل صدرالدين نوناري جيل مان نڪرڻ بعد الزام جي ساک ڏيندو جي ساک نه ڏنئين ته مٽس پڻ پنج ڏنڊ لک ڏنڊ آهي ۽ جي ساک ڏني ته پوءِ خانزاده برادري نوناري برادري کي ٽلاءِ ڏيندي؛

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪنڊڪوٽ ۾ "ڪميونٽي اڪائونٽبلٽي فورم" (عوامي احتساب فورم) منعقد ڪيو ويو هن فورم جو مقصد صحت، تعليم ۽ بلدياتي خدمتن جي شعبن ۾ عوامي خدمتن جي فراهمي بابت شهرين جي تجربن ۽ راين تي بحث مباحثو ڪرڻ هو واضح رهي ته CNBA سول سوسائٽي جي تنظيمن جو ملڪ گير نيٽ ورڪ آهي جنهن کي "سينٽر فار پيس اينڊ ڊوليپمينٽ انيشيئٽيوز" (CPDI) هلائي ٿو CPDI هن سلسلي ۾ تحقيق سان گڏ ٽيڪنيڪل مدد ۽ رهنمائي فراهم ڪري ٿو جڏهن ته پارٽنر سول سوسائٽي تنظيمون (CSOs) هن نيٽ ورڪ ذريعي مقامي ڪميونٽين ۽ لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز کي متحرڪ ڪن ٿيون هن فورم ۾ لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز مقامي شهرين، استادن هيلٿ پروفيشنلز بلدياتي نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن سميت شرڪت ڪندڙن جي وڏي تعداد حصو ورتو شرڪت ڪندڙن کليل دل سان پنهنجن تجربن جو تبادلو ڪيو خدمتن جي فراهمي ۾ درپيش چيلينجز جي نشاندهي ڪئي ۽ انهن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي جن ڏانهن حڪومت جي فوري ڌيان جي ضرورت آهي فورم دوران صحت جي سهولتن جي دستيابي ۽ معيار سرڪاري اسڪولن ۾ استادن جي حاضري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ صفائي سٿرائي پاڻي جي نيڪال ۽ ڪچرو ٺڪاڻي لڳائڻ جي خدمتن تائين رسائي جهڙن موضوعن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو هن بحث جي روشنيءَ ۾ شرڪت ڪندڙن "ڪميونٽي اسڪور ڪارڊ" ذريعي انهن خدمتن جو جائزو ورتو ۽ 1 کان 5 جي اسڪيل (پيماني) تي پنهنجي گڏيل راءِ رڪارڊ ڪرائي فورم کي خطاب ڪندي نظير احمد سومرو غلام اڪبر ۽ سهيل اعوان چيو ته هن مشق جو مقصد عوامي خدمتن جي فراهمي سان لاڳاپيل بحث مباحثي ۾ شهرين جي تجربن کي شامل ڪرڻ ۽ لاڳاپيل سرڪاري کاتن جي ڌيان جا طالب مسئلا اجاگر ڪندي احتساب جي عمل کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

رڪروٽمينٽ ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي جي مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران سڀني کاتن جي آفيسرن پنهنجن کاتن ۾ موجود خالي آسامين ۽ ان بابت ڪيل پيش رفت بابت ڊپٽي ڪمشنر کي آگاهي ڏني. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سڀني کاتن کي سندن کاتن ۾ خالي جاين تي ڀرتين جي عمل ۽ حڪومتي فيصلن تي عملدرآمد جي هدايت ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر سمورن لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي اها پڻ هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي کاتن ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين خالي پيل سمورين پوسٽن جا تفصيل ۽ فهرستون مقرر ڪيل جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪن ۽ ضابطن موجب انهن جاين جا اشتهار جاري ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻن ته جيئن اهل اميدوارن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ۽ ڀرتين جو عمل شفاف نموني اڳتي وڌائي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته حڪومتي فيصلي موجب ضلعي اندر مختلف کاتن ۾ موجود خالي جاين لاءِ ڊسٽرڪٽ رڪروٽمينٽ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن ذريعي خالي جاين تي نوڪريون ڏنيون وينديون. جنهن جو سربراهه ڊپٽي ڪمشنر هوندو، جڏهن ته لاڳاپيل کاتي جو سربراهه ۽ ايس اينڊ جي اي ڊي (SAGED) جو نمائندو هن ڪميٽي ۾ شامل هوندا، جيڪي ڀرتين جي عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته خالي جاين بابت گهربل معلومات بروقت فراهم ڪن ته جيئن ڀرتين جي عمل ۾ دير کان بچي سگهجي ۽ ضلعي جي اهل نوجوانن کي روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. اجلاس ۾ مختلف کاتن جي پيش رفت جو پڻ جائزو ورتو ويو. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون محمد مستقيم قريشي سميت سڀني لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا 9 روزاني عبرت

فشر فوڪ فورم جو مرڪزي چيئرمين سائين مهران علي شاهه ۽ سائين ڪمال شاهه، حاجي نبي بخش ملاح، محمد عمر ملاح ۽ محمد قاسم ملاح ڪراچي پهچي ويا آهن محبوب علي ملاح جي آزاديءَ تي سندس خاندان سميت پوري مهاڻي برادريءَ ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي آهي سندس وارثن ۽ مهاڻي برادريءَ پاران آزاديءَ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو پيو وڃي، ان موقعي تي پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين سائين مهران علي شاهه چيو ته مهاڻن جي خوشي ۽ ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سندن هر ڏکي گهڙيءَ ۾ ساٿ ڏيڻ اسان جي ذميواري آهي.

بقايا 10 روزاني عبرت

باءِ ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ وومين ڪمپليئنٽ سيل ۽ سيف هائوس ڄامشورو جي سهڪار سان عورتن ۽ ٻارن کي فراهم ڪيندڙ مفت قانوني سهولتن ڪائونسلنگ ۽ ٻين خدمتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي وفد ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو اڳوڻو جج جسٽس (ر) عارف حسين کهلجي، ڊائريڪٽر جنرل پراسيڪيوشن اينڊ لا اينڊ جسٽس اٿارٽي خيبرپختونخوا رفيق خان مهمند، ڊائريڪٽر ظفر علي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر آصف زيب شامل هئا ان موقعي تي جسٽس هب پاورڊ باءِ ليگل ايڊ سوسائٽي جي نمائندي دانش سومرو وفد کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ادارو وومين ڪمپليئنٽ سيل ۽ سيف هائوس ڄامشورو کي عورتن لاءِ مفت قانوني مدد فراهم ڪري رهيو آهي جڏهن ته وومين جيل ۾ قيد عورتن ۽ جووينائل جيل ۾ موجود ٻارن کي پڻ مفت قانوني سهائتا ۽ رهنمائي ڏني پئي وڃي وومين ڪمپليئنٽ سيل ۽ سيف هائوس ڄامشورو جي انچارج ۽ نفسيات جي ماهر سيده ڦل شاهه وفد کي اداري جي ڪارڪردگي ۽ عورتن کي فراهم ڪيندڙ سهولتن بابت آگاهي ڏني هن ٻڌايو ته خيبرپختونخوا سان تعلق رکندڙ خانه بدوش عورت صبرو پٺاڻ سان ضلعي ڄامشورو ۾ اجتماعي زيادتي ۽ قتل جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو هو جنهن جو ڪيس وومين ڊوليپمينٽ ڊپارٽمينٽ ڄامشورو پاران ڏنو ويو جڏهن ته جسٽس هب پاورڊ باءِ ليگل ايڊ سوسائٽي طرفان ڪيس ۾ قانوني مدد فراهم ڪئي وئي وفد جي سربراهه جسٽس (ر) عارف حسين کهلجي ۽ ٻين ميمبرن ٻنهي ادارن جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيو دوري جي پڄاڻي تي وومين ڪمپليئنٽ سيل ۽ سيف هائوس ڄامشورو جي انچارج سيده ڦل شاهه ۽ جسٽس هب پاورڊ باءِ ليگل ايڊ سوسائٽي جي دانش سومرو ان عزم جو اظهار ڪيو ته عورتن جي ڀلائي تحفظ ۽ قانوني حقن لاءِ ٻنهي ادارن جو گڏيل سهڪار مستقبل ۾ پڻ جاري رهندو هنن چيو ته عورتن کي ٻارن جي ڪسٽڊي خلع، طلاق، ٻارن جي نان نفقه ۽ ٻين قانوني مسئلن جي حل لاءِ مفت قانوني مدد، ڪائونسلنگ ۽ سيف هائوس ۾ مفت رهائش سميت سموريون ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا 11 روزاني عبرت

معالج خاطر ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 12 روزاني عبرت

ذميوارين جي ادائيگي ۽ ضلعي ۾ صحت جون سهولتون بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي چارج سنڀالڻ ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو چيو ته ضلعي بدين ۾ صحت جي شعبي کي بهتر بڻائڻ سندن پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ صحت جي ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ صحت عامه بابت سرگرمين کي اثرائتي نموني اڳتي وڌائڻ لاءِ ڀرپور ڌيان ڏنو ويندو هن چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ جاري مهم تي خاص ڌيان ڏنو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ لاڳاپيل عملي جي ذميوارين کي يقيني بڻايو ويندو ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ مهم دوران مقرر ڪيل هدف حاصل ڪرڻ ۽ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ جي ڦڙن کان محروم نه رهي ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو عزم ظاهر ڪيو ته صحت کاتي سان لاڳاپيل عملي جي سهڪار سان ضلعي ۾ طبي سهولتن جي بهتري لاءِ ڪوششون جاري رکيون وينديون هن صحت عامه جي معاملن ۾ لاڳاپيل ادارن ۽ عملي جي ڪردار کي پڻ اهم قرار ڏنو ان موقعي تي شهرين سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ صحت کاتي جي عملي جي ساٿين ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو کي ڊي ايڇ او بدين جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون شرڪت ڪندڙن ڪيس سنڌ جي روايتي ثقافت موجب اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي جا تحفا پيش ڪري آجيان ڪئي ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو جي مقرري ۽ چارج سنڀالڻ واري موقعي تي موجود ماڻهن سندس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته سندس سربراهيءَ ۾ ضلعي بدين اندر صحت جون سهولتون بهتر بڻائڻ ۽ پوليو سميت عوامي صحت جي ٻين مسئلن تي ڌيان ڏيڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا 13 روزاني عبرت

جي رهواسي جوڳي برادري پاران علائقي ۾ وڌندڙ منشيات جي آزار خلاف ڪمال ديرو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي منظور جوڳي، روشن جوڳي بلاول جوڳي اقبال جوڳي ۽ رياض حسين جوڳي دانهيندي چيو ته هڪ طرف آءِ جي سنڌ ۽ گهرو وزير پاران منشيات خلاف زيرو ٽالرنس جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون ته ٻئي طرف سندن علائقي ۾ منشيات جو آزار وڌي رهيو آهي جنهن سبب نوجوان نسل تباهي جي ور چڙهي رهيو آهي جڏهن ته نوجوانن جي تعليم پڻ سخت متاثر ٿي رهي آهي هنن چيو ته سندن نوجوان پاءُ گڏا حسين جوڳي آئيس جي نشي جي عادت ۾ مبتلا ٿي ويو آهي جنهن سبب گهر ڀاتين ۽ ٻارڙين لاءِ پريشانيون پيدا ٿي رهيون آهن جڏهن ته نشي جي حالت ۾ گهر جي عورتن ۽ ٻارڙن کي پڻ هراسان ڪري ٿو هنن وس وارن اختيارين، آءِ جي سنڌ، گهرو وزير پوليس عملدارن ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ منشيات فروشن خلاف اثرائتيون ڪارروايون ڪري منشيات خلاف قدم کڻي امن ڪرايو وڃي.

بقايا 14 روزاني عبرت

انسپيڪٽر (ASI) جڏهن ته 22 اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرن کي سب انسپيڪٽر (SI) جي عهدن تي ترقي ڏني وئي اهڙي طرح مجموعي طور تي 62 پوليس آفيسرن کي ايندڙ عهدن تي ترقي سان نوازيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو ۽ ڊي ايس پي هيڊ ڪوارٽر شبير احمد جکراڻي ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي مبارڪباد ڏني ۽ سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پوليس آفيسرن جي ترقي سندن محنت، پيشاورانه صلاحيتن ۽ ذميوارين ۾ واڌ جي عڪاسي آهي ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کان اميد آهي ته هو پنهنجا فرض وڌيڪ محنت، ايمانداري، نظم و ضبط ۽ پيشاورانه جذبي سان انجام ڏيندا هن وڌيڪ چيو ته کاتي ۾ ترقي آفيسرن لاءِ اعزاز سان گڏوگڏ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، امن امان جي قيام ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ وڌيڪ ذميوارين جو تقاضو به ڪري ٿي ضلعي ڪشمور پوليس ترقي ماڻيندڙ سمورن آفيسرن کي مبارڪباد پيش ڪري ٿي ۽ اميد ڪري ٿي ته هو پنهنجا فرض وڌيڪ لگن، فرض شناسي ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان سرانجام ڏيندا.

بقايا 15 روزاني عبرت

ڪائونسلر ثمر عباس لنڊ، رينواز، عرفان شاهه محمد اعظم سولنگي، محمد صالح صاحب راڄپر ۽ ٻين وڏي انگ ۾ سيڪارجا پير هيڊ لنڪ روڊ تي ريلي ڪڍي احتجاج ڪندي اسڪارپ کاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته گذريل ڏيڍ سال کان سم نالي جي ڪاتي نه ٿيڻ سبب سم نالي ۾ گند گاهه ڀرجي وڃڻ ڪري سم نالو اوور ڦاٽ ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري سم نالي جو گندو پاڻي رهائشي علائقن ۾ پوڙهيتن جي گهرن ۽ فصلن ۾ داخل ٿي ويو آهي جنهن ڪري ڪيترن ئي گهرن ۽ فصلن کي سخت نقصان پهتو آهي هنن چيو ته ڪيترائي ڀيرا احتجاج ڪرڻ سميت اسڪارپ کاتي جي لاڳاپيل اختيارين سان مسلسل رابطو ڪرڻ باوجود اسڪارپ کاتي جي عملدارن پاران سم نالي جي ڪاتي ڪرائڻ لاءِ ڪي به جوڳا قدم نه پيا کنيا وڃن هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺي سم نالي جي ڪاتي ڪرائي رهواسين کي گندي پاڻي جي عذاب کان بچائي وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 16 روزاني عبرت

زيور ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن ته چوري جون سي سي ٽي وي فوٽيجز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي ويون آهن. واقعي بابت گمبٽ ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي وئي آهي گهر مالڪ زوهيب جوڻيجو پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته هو ڪم سانگي پنهنجي فيملي سميت ڪراچي ويل هو جنهن دوران نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي ساڍا چار تولا سون جا زيور ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا هن دعويٰ ڪئي ته سي سي ٽي وي فوٽيجز ۾ هريش ديوان کي چوري ڪندي ڏسي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته واقعي جي اين سي گمبٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائڻ بعد پوليس مبينا جوابدار کي گرفتار ته ڪيو آهي پر اڃا تائين چوري ٿيل سونا زيور ۽ ٻيو سامان واپس نه ڪرايو ويو آهي زوهيب جوڻيجو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل سمورو سامان واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي طرف هڪ اهم سوال پڻ اڀري رهيو آهي ته جنهن شخص تي چوري جو الزام آهي، اهو ٻڌايو پيو وڃي ته گهر مالڪ سان انتهائي ويجهو ۽ اچ وڃ وارو رهيو آهي جيڪڏهن پنهنجن ۽ ويجهن ماڻهن تي به اعتماد نه رهيو ته پوءِ عام ماڻهو اعتبار آخر ڪنهن تي ڪري.

بقايا 17 روزاني عبرت

سرڪل ۾ ڪيس نمبر 08/2026 داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنس ايڪٽ 2024 جي لاڳاپيل سيڪشن تحت وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ جاچ جاري آهي ذريعن موجب برآمد ڪيل 1800 گرام ڪرسٽل آئس جي مقابلي واري بين الاقوامي مارڪيٽ جي قيمت تقريبن 30 ملين رپيا لڳائي سگهجي ٿي جڏهن ته هي تخمينو آخري سرڪاري قيمت ناهي هي آپريشن نارڪوٽڪس پوليس روهڙي سرڪل جي انچارج اي اي ٽي او پاران ڪيو ويو قمرالدين سيال جي نگراني ۾ ڪيل ان موقعي تي اي اي ٽي او قمرالدين سيال چيو ته منشيات صرف هڪ فرد کي نه پر پوري خاندان ۽ سماج کي تباهه ڪن ٿيون خاص طور تي ڪرسٽل آئس جهڙيون خطرناڪ منشيات، جيڪي اسان جي نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ سنگين خطرو آهن.

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪري سامان رڪور ڪرڻ جو مطالبو بي صورت ۾ سپاٽي اچ، ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻي جو اعلان تفصيل موجب ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو جي نااهلي سبب ميرپور ماٿيلو ۾ بد امني جي راڪاس تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب چوريون ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون آهن ان سلسلي ۾ گذريل رات پڻ نامعلوم چورن رينجرز ڪالوني پرسان رهندڙ ممتاز شيخ جي گهر ۾ گهڙي ته رڪشا چوري ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا اهڙي واقعي بعد شيخ برادري پاران جسقم وائيس چيئرمين فقير رمضان ڪلوڙ ايڊووڪيٽ عمار دايو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جسقم وائيس چيئرمين فقير رمضان ڪلوڙ ۽ ايڊووڪيٽ عمار دايو چيو آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

موقعي تي ٽنگن کان معذور غلام رسول جوڻولعل بخش جوڻورحمان جوڻو مسمات موسل مسمات شينا جوڻو ۽ ٻين ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو ته 5 مهينا اڳ حاجي ميرل جوڻو کي زمين ۽ سڱاوتي تڪرار تان جوابدار رزاق ڪولاچي الياس ڪولاچي ۽ علي شير جوڻو گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا هئا 3 جوابدارن خلاف قاضي احمد پوليس ٿاڻي تي قتل ڪيس داخل ٿيل آهي پوليس 2 جوابدار رزاق ڪولاچي ۽ الياس ڪولاچي کي گرفتار ڪيو ۽ هڪ جوابدار الياس ڪولاچي کان ڳري رشوت وٺي ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو هنن چيو ته روپوش جوابدار سان گڏ غازي جوڻو حڪيم ڪنير ۽ چار نامعلوم جوابدار هٿيار کڻي اچي ڪري اسان تي حملو ڪيو ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون ته ڪيس تان هٽ ڪٿو نه ته توهان کي به ميرل جوڻو وانگر گوليون هڻي قتل ڪنداسون هنن چيو ته جوابدارن معان قاضي احمد ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري هنن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي شهيدبينظيرآباد کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 20 روزاني عبرت

8 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن ۾ محمد انعام مرزا عبدالله عباسي اشتياق عباسي وقار احمد سومرو محمد ارسلان قريشي محمد جميل عتيق الرحمان ميمڻ ۽ نصرالله شيخ شامل آهن اڪرا پرچي جا چار دبا ۽ ٻه موبائيل فون تحويل ۾ وٺي ويا پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 21 روزاني عبرت

حادثو پيش آيو جي ٽريڪٽر ٽرالي جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب معصوم ٻارڙو فوت ٿي ويو وحيد اوٺو پنهنجي فيملي سان گڏ موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هو ته ساڳئي وقت ٿليون ڪٽي ويندڙ ٽريڪٽر ٽرالي موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو حادثي جي نتيجي ۾ سندس معصوم پٽ ٽريڪٽر ٽرالي هيٺان اچي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو حادثي سبب علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جڏهن ته معصوم ٻارڙي جي المناڪ موت تي وارثن تي غم جو جبل ٽٽي پيو ٻڌايو پيو وڃي ته ٻارڙو پنهنجي ماءُ جي سامهون سخت تڪليف ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو

بقايا 22 روزاني عبرت

موسمي گلن گلاب، نيم، سرس، چمون مهندي سک چين ۽ ٻين قسمن جا ٻوٽا شامل هئا ان موقعي تي سينيئر پرنسپال سائين منظور احمد گلال صاحب سان گڏ اسڪول جي هيڊ ماسٽر محمد صيفل سولنگي پروفيسر الهوڏايو راڄپر، پروفيسر خالد صاحب، بگ باس استاد صالح سولنگي، ايف اي تحسين شاهه، استاد قادر راتيو، استاد محسن رضا پنهور، گستا اڳواڻ استاد طاهر پنهور سميت استادن ۽ ٻين معزز شخصيتن ۽ اسڪول جي شاگردن پڻ ڀرپور دلچسپيءَ سان حصو ورتو ان موقعي تي سينيئر پرنسپال سائين منظور احمد گلال صاحب پنهنجي پيغام ۾ چيو ته وڻ پوکڻ سان اسان جو ماحول خوشگوار ۽ سرسبز بڻجي ٿو وڻ نه رڳو ماحول جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪن ٿا پر بهتر ۽ صحتمند زندگيءَ لاءِ پڻ انتهائي اهم آهن هن وڌيڪ چيو ته هر ماڻهوءَ کي گهرجي ته پنهنجي حصي جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ ضرور پوکي ۽ ڌرتيءَ کي خوبصورت بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري اسڪول جي شاگردن وڻڪاري مهم ۾ ڀرپور دلچسپي، جوش ۽ جذبي سان حصو وٺي ماحول دوستيءَ جو بهترين مثال پيش ڪيو اهڙيون سرگرميون نه رڳو شاگردن ۾ ماحول جي حفاظت بابت شعور پيدا ڪن ٿيون پر اسڪول ۽ ان جي آس پاس واري علائقي کي سرسبز ۽ خوبصورت بڻائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون

بقايا 23 روزاني عبرت

فلٽر پلانٽ جو دورو ڪيو وفد ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه پبلڪ هيلٿ انجنيئر اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو ايڊمنسٽريٽر ميهڙ بابر علي مگسي مختيارڪار ميهڙ ۽ شهري اتحاد ميهڙ جي صدر ۽ ڪاميٽي جي ميمبر عبدالستار چنا شامل هئا ان موقعي تي ڪاميٽي جي ميمبرن واٽر فلٽر پلانٽ جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ان جي ڪارڪردگي موجوده صورتحال ۽ درپيش مسئلن بابت معلومات حاصل ڪئي دوري دوران ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ميهڙ جي شهرين کي صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ غيرفعال فلٽر پلانٽ کي ٻيهر فعال ڪيو ويندو جيئن شهرين کي پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت ملي سگهي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه پڻ صحافين کي بريفنگ ڏيندي چيو ته فلٽر پلانٽ جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ شهرين کي صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ ضروري قدم کنيا ويندا.

بقايا 24 روزاني عبرت

مظاهرو مخالفن تي تشدد ڪرڻ جا الزام فيض گنج ڳوٺ خير محمد ٻهڻ ۾ ٻهڻ برادري جي عورتن مردن معصوم ٻارن سان گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي سون خاتون رحيلا خاتون مجاهد ياسين ٻهڻ علي نواز ٻهڻ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي زمين ابن ڏاڏن کان آهي جنهن تي بااثرن حنيف لاشاري خادم لاشاري لياقت لاشاري نرل انصاف ۽ ٻين هٿيارٻند ماڻهو سان ڪري عورتن ۽ مردن تي تشدد ڪرڻ بعد اسان جي حصي واري زمين تي زبردستي قبضو ڪري زمين جي وچ مان بنو ڪڍيو آهي بااثرن ماڻهو هٿيارٻند ماڻهو سان ڪري آيا آهن جيڪي ڪوڙ نقصان ڪري سگهن ٿا زمين تي قبضو انهن ماڻهن ڪيو آهي جن تي ڪيس داخل ٿيل آهن اسان کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن اعلي اختيارين کان مطالبو آهي ته زمين تان قبضو ختم ڪرائي ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪرايو وڃي

بقايا 25 روزاني عبرت

دليل ٻڌڻ بعد ٻڌڻي 17 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 26 روزاني عبرت

جڏهن ته دنيا ۾ سان ماڻهو طبي سياحت لاءِ گمبٽ ايندا ڊائريڪٽر گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ان شاءَ الله هيلٿ سٽي گمبٽ ۾ طبي اوزارن ۽ سامان جي تياري جو هڪ وڏو صنعتي مرڪز قائم ٿيندو جنهن سان سڌي ۽ اڻ سڌي طرح گهٽ ۾ گهٽ به ڪان ٿي لک ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا هن عظيم منصوبي جي تڪميل لاءِ وڏي سرمائي جي ضرورت پوندي جيڪو سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت جي سهڪار سان فراهم ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 27 روزاني عبرت

غلام ياسين جي وارثن وٽ پ پ اڳواڻ سردار ڊاڪٽر غلام علي عباس عرف پيو خان چاچڙ پ پ اڳواڻ سليم غني خان ڪلوڙ سردار شفقت خان چاچڙ استاد آندل ڊاڪٽر شير محمد ۽ ٻين معزز شخصيتن تي ٻڌل ميڙ منٿ قافلو پهتو ميڙ منٿ قافلي ۾ شامل سردارن ۽ معزز شخصيتن پاران مقتول غلام ياسين جي وارثن سان ملاقات ڪري معاملي جي نبيري لاءِ منٿون ڪيون ويون ان موقعي تي مقتول جا وارث غلام عباس غلام اسحاق ۽ غلام رضاڪ ميڙ منٿ قافلي جي سردارن ۽ معزز شخصيتن کي مان ڏيندي فيصلي لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي ذريعن موجب ڪجهه ڏينهن اندر فيصلي لاءِ تاريخ مقرر ڪئي ويندي، جنهن ڪانپوءِ وڌيڪ اڳڀرائي ٿيڻ جو امڪان آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

اوزارن جو استعمال ڪيو ويو هوڏانهن آپريشن سبب متاثر ٿيل دڪاندارن راشد ڪيري، ڪاشف ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته حد دخليون هٽائڻ کان اڳ ڪين ڪنهن به قسم جو نوٽيس يا اڳواٽ اطلاع نه ڏنو ويو جڏهن ته مبينا طور من پسند ماڻهن کي خاص رعايت ڏني پئي وڃي هنن الزام لڳايو ته ريلوي جي حدن اندر قائم گهڻن دڪانن ۽ ٻين پڪين اڏاوتن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي ڪئي وڃي جڏهن ته صرف غريب دڪاندارن کي نشانو بڻائي سندن روزگار جو ذريعو کسيو پيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته اها رڳو رسمي ڪارروائي ڪئي پئي وڃي جنهن سان عوام کي ڪو به خاص فائدو نه پهچندو

بقايا 29 روزاني عبرت

اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي مريد ڪوسو هاءِ اسڪول جي چئن JEST استادن شيراز ميربحر پنهون ڪمان علي اڪبر ڪوسو ۽ ڪاشف ميمڻ جي معطلي خلاف استادن شاگردن ۽ والدين پاران احتجاجي تحريڪ هلائي وئي هئي استادن جي بحاليءَ واري گڏيل درخواست تي اسڪول ايجوڪيشن ايليمينٽري سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري حيدرآباد ريجن جي ڊائريڪٽر ممتاز علي کهڙو 30 آڪٽوبر 2026 ع تي نوٽيفڪيشن جاري ڪندي چئني استادن کي سرڪاري ملازمت تي بحال ڪري ساڳئي اسڪول ۾ اصل پوسٽنگ واري هنڌ تي مقرر ڪري ڇڏيو هوڏانهن اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ سنڌ پاران 29 آڪٽوبر 2026 ع تي جاري ڪيل حڪم تحت ڊي اي آر آفيس سجاول ۾ مقرر سپرنٽينڊنٽ (بي ايس 17) راڄ ڪمار پٽ خميسو مهيشوري کي فوري طور بدلي ڪري وڌيڪ حڪمن تائين اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ٻئي پاسي بحال ٿيل استادن پنهنجي بحاليءَ کي حق ۽ انصاف جي فتح قرار ڏيندي تعليم واري وزير سردار شاهه صوبائي وزير رئيس محمد علي خان ملڪاڻي ايم پي اي ريحانه لغاري، ايم پي اي اهير سوهو ۽ پ پ جي عوامي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جا ٿورا مڃيا آهن جڏهن ته جدوجهد ۾ ساٿ ڏيندڙ صحافين، بار ڪائونسلن، اسڪول جي والدين ۽ شاگردن جي ڪردار کي پڻ ساراهيو آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

طري ۾ آهي ۽ سنڌ کي نون صوبن جي نالي تي ورهائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جيڪي قبول نه ڪيون وينديون هن چيو ته سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ ڪنهن به قسم جي ڦيرڦار واري سازش برداشت نه ڪئي ويندي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ ۽ وحدت لاءِ متحد ٿين هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ جاگرافيائي حدن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي ڊاڪٽر قادر مگسي اعلان ڪيو ته 29 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ لکين ماڻهن کي گڏ ڪري "سنڌ منهنجي امان" جو نعرو هنيو ويندو هن چيو ته ڪراچيءَ ۾ رٿيل وڏي جلسي جي تيارين جي سلسلي ۾ پارٽيءَ جي عوامي رابطا مهم جاري آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

فريادي ڌر جو وڪيل آچر گبول پيش ٿيا، عدالت ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ٻن جوابدارن دائم الدين مبيجو ۽ قائم الدين مبيجو کي باعزت بري ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي واضح رهي ته سيپٽمبر 2010 ع دوران عبدالغفور مبيجو جي قتل جو واقعو پيش آيو هو اهڙي واقعي جو ڪيس نوشهروفيروز ضلعي جي ڳوٺ خيرمحمد مبيجو واسي مقتول جي ڀاءُ فريادي ليمون ولد محمد بچل مبيجو پڊعيدن ٿاڻي تي داخل ڪرايو هو ان بعد فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج نوشهروفيروز جي ڪورٽ سگوري ۾ پوليس ڪيس جو چالان پيش ڪيو ٽرائل ڪورٽ ڪيس ۾ چالان ٿيل جوابدارن دائم الدين مبيجو ۽ قائم الدين مبيجو کي سخت پورهئي سان عمر قيد ۽ 50/50 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي هئي ٽرائل ڪورٽ طرفان ٻڌايل فيصلي خلاف جوابدارن سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ اپيل داخل ڪرائي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ 20 آڪٽوبر 2018 ع تي ٿيل ٻڌڻي دوران عدالت جوابدارن کي ڪيس مان آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڏنو جنهن ڪانپوءِ فريادي ليمون مبيجو هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ اپيل 221/2017 داخل ڪئي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان فريادي طرفان داخل ڪرايل اپيل کي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ڏانهن واپس اماڻيندي شاهدين ۽ موجود ثبوتن تي ٻيهر غور ۽ نظرثاني ڪري فيصلو ڏيڻ جي ڪئي هئي.

بقايا 32 روزاني عبرت

مراد لاشاري پهچي ڪجهه ڏينهن پهريان ٿل لڳ مرزا جي ٽڪر ۾ لاشاري برادري جي فوت ٿيل ڪن پائرن جي وارثن وٽ تڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي وفد ۾ جي يو آءِ جو ضلعي رهنما مولانا تاج محمد پٽي عبدالقادر چنو ۽ حاجي عباس بلوچ گڏ هئا وڌيڪ تڏي ۾ صوبائي ترجمان ڊاڪٽر اي جي صاحب چيو ته واقعو افسوسناڪ آهي الله مرحومين کي جنت الفردوس عطا ڪري ۽ ان جي پوئين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي

بقايا 33 روزاني عبرت

تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ ميمبرن شهر ۾ وڌندڙ بدامني تي سخت ڳڻتي ۽ تحفظات جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته عوام ۽ ڪاروباري برادري ۾ عدم تحفظ جو احساس وڌي رهيو آهي جنهن جي خاتمي لاءِ فوري ۽ اثرائتي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي اجلاس ۾ سکر ۽ ان جي آس پاس ۾ پيش ايندڙ واقعن جي مختصر فهرست ۽ جائزو ورتو ويو بندر روڊ سکر هڪ شهري جي ٽويوٽا ڪرولا ڪار رجسٽريشن نمبر AYG-030 چوري ٿي وئي. گهر ۾ چوري شهري وقار احمد قريشي جي گهر مان هڪ تولو سون ۽ 90,000 رپيا نقد چوري ٿيڻ جو الزام آهي شاهه خالد ڪالوني هڪ گهر مان موٽرسائيڪل ۽ ٻيون شيون چوري ڪيون ويون موبائل فون چوري جو واقعو ڊاڪٽر غضنفر خالد کان موبائل فون کسڻ کان پوءِ جوابدار فرار ٿي ويا ...

آفيس آف دي اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ نوابشاهہ

روانگي نمبر ________ تاريخ ________

نوٽيس عام اطلاع

1. جيئن ته سنڌ صوبي ۾ حقن جي رڪارڊ جي آخري ڀيرو تصحيح ۽ تصديق 1986-1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي ۽ ان کان پوءِ ڪابه سرگرمي نه ڪئي وئي آهي.
2. درستگي کي يقيني بنائڻ، سالميت برقرار رکڻ، حقن جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصدن سان، بورڊ آف روينيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي ۾ زمين جي رڪارڊ هڪ خاص نظرثاني (ڀيهرلکڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن جي شروعات ديهہ 42 داد سائين ڏنو تعلقہ نوابشاهہ. ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ پڻ ٿي رهي آهي.
3. اهڙي طرح، بورڊ آف روينيو سنڌ، حقن جي رڪارڊ کي يقيني بڻائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي آسان بنائڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (ڀيهرلکڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي آهي.
4. تنهنڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران اختيارن کي استعمال ڪندي، بورڊ آف روينيو، سنڌ، حيدرآباد تاريخ 28 فيبروري 2025 نمبر 08 /Misc/R.W/BOR/2024/Rev-1(II)/129 حڪم ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي ته ديهہ 42 داد سائين ڏنو تعلقہ نوابشاهہ. ضلع شهيد بينظيرآباد جي حوالي سان حقن جي رڪارڊ ۾ هڪ خاص نظرثاني (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي.
5. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٿيل سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل طريقيڪار جي فريم ورڪ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ جي لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو.
6. مٿين حوالي مطابق هيٺ ديهہ 42 داد سائين ڏنو تعلقہ نوابشاهہ. ضلع شهيد بينظيرآباد جي ڪاتيدارن جا نالا، سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٿي. ڪنهن بي مالڪيت، سروي نمبر، ايراضي يا بي ڪنهن ڳالهہ تي اعتراض هجي ته اسسٽنٽ ڪمشنر، تعلقي نوابشاهہ جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائيندا. بي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ واسطيدارن جي نالي سان ڀيهرلکيو (ري۔ رائيٽ) ڪيو ويندو.

ديهہ 42 داد سائين ڏنو تعلقہ نوابشاهہ، ضلع شهيد بينظيرآباد

سيريل نمبر	ڪاتيدار جو نالو	حصو	سروي نمبر	ايراضي	انٽري نمبر
01	1. سيد ڪاظم حسين شاهہ ولد سيد شوڪت حسين شاهہ 2. سيد عدنان حسين شاهہ ولد سيد شوڪت حسين شاهہ 3. سيد رضا حسين شاهہ ولد سيد شوڪت حسين شاهہ	0-33 1/3 0-33 1/3 0-33 1/3 سڄو روپيو	91/1to4 108/1to4 109/1to4 111/1,2,3 110/1to4 112/1to4 116/1,4 93/4 106/1to4 105/1to4 104/1to4 102/1 102/2 102/3 102/4 101/1to4 100 125/1to4 126/1to4 124/1,2,3	221-15	26, 246 VIIBC
02	سيد فصيح احمد شاهہ ولد سيد علي احمد شاهہ 45402-7265006-5	سڄو روپيو	54/1to4 55/1to4 56/4 57/1to4 58/1to4 59/1to4	76-38	31VIIA
03	سيد فصيح احمد شاهہ ولد سيد علي احمد شاهہ 45402-7265006-5	سڄو روپيو	94/1to4	15-06	177 VIIBC
04	سيد فهد احمد شاهہ ولد سيد علي احمد شاهہ	سڄو روپيو	51/1to4 52/1to4 53/1to4 60/1to4 61/1to4 62/1to4	88-14	33 VIIA
05	1. محسن علي شاهہ ولد سيد زين العابدين شاهہ 2. احسن علي شاهہ ولد سيد زين العابدين شاهہ	0-50 0-50 سڄو روپيو	117/1to4 118/1to4 119/1to4 120/1to4 92/2,3,4 107/1to4 121/1to4 122/1to4 123/1to4 124/3	138-21	03 VIIB
06	1. بي بي نجمہ شاگين ذي سيد محراب شاهہ 2. بي بي نسيمہ شاگين ذي سيد محراب شاهہ	0-50 0-50 سڄو روپيو	24/1to4 25/1to4 23/1 28/1,2 29/1	48-00	01 VIIB
07	1. رضا محمد ولد خدا بخش جمالي 45402-5488369-3 2. عرض محمد ولد خدا بخش 45402-6991147-1 3. غلام شبير ولد خدا بخش جمالي 45402-7471284-3 4. محمد اياز ولد خدا بخش جمالي 5. نصرت خاتون ذي خدا بخش جمالي	0-22.22 0-22.22 0-22.22 0-22.22 0-11.11 سڄو روپيو	69/2	1-18	113 VIIBC
08	سيد امجد حسين شاهہ ولد سيد علي حيدر شاهہ	سڄو روپيو	98/1 98/2 98/3 98/4	15-16	113 VIIB
09	مسمات ساجده ذي سيد علي حيدر شاهہ 45402-7107751-6	سڄو روپيو	97/1 2 3 4 99/1,2,2A	16-00	16 VIIA
10	غلام شبير ولد نور محمد جمالي	سڄو روپيو	72/2	4-00	88 VIIB
11	محمد حيات ولد شفيع محمد جمالي	سڄو روپيو	75/3 75/4BC	6-00	130 VIIB
12	مسمات شازيہ بي بي زال سيد خادم حسين شاهہ	سڄو روپيو	17/1to4 18/1to4 19/1to4 20/1to4	63-04	116 VIIB
13	1. سيد امجد حسين شاهہ ولد سيد علي حيدر شاهہ 42201-4904058-3 2. بي بي نسرين ذي سيد علي حيدر شاهہ 45402-9475672-0 3. ساجده بي بي ذي سيد علي حيدر شاهہ 45402-7107751-6 4. ماجده بي بي ذي سيد علي حيدر شاهہ 5. مسمات بي بي آصفہ ذي سيد علي حيدر شاهہ 45402-4172049-8	0-33.33 0-16.66 0-16.66 0-16.66 0-16.66 سڄو روپيو	90/4 93/1,5 96/1to4	25-36	163 VIIBC
14	مسمات ناهيد زال راشد علي جمالي 45402-2393865-4	سڄو روپيو	69/3	2-00	79 VIIBC
15	ظهور احمد ولد صاحب خان جمالي 45402-0858034-9	سڄو روپيو	49/2	3-00	86 VIIBC
16	1. عابد علي ولد صاحب خان جمالي 45402-9072159-1 2. مسمات ناهيد زال راشد علي جمالي 45402-2393865-4	0-77½ 0-22½ سڄو روپيو	49/3	4-00	86 VIIBC
17	محمد علي ولد حاجي الهہ ورايو	سڄو روپيو	69/1 70/3	7-18	25, 44 VIIA
18	نيشنل هاءِ وي اٿارٽي	سڄو روپيو	3/2B 3/2C 3/2D 9/2 4/1 4/2 8/1 8/3 8/4 15/1 15/2 15/3 15/4 39/1 39/3 39/4 44/2 44/3 39/2A 39/2B 39/2C 39/2D 45/2 68/1 68/4 69/2 69/3 73/2B 73/2C 74/4A 74/4B 74/4C 74/4D 73/3B 73/3C 74/1A 74/1C 74/1D 97/1 97/3 97/4 98/2 102/1 2 3 4 125/1 2 3 4	61-34	340, 341 342, 343 344, 345 346, 347 454, 455 462, 490 VIIBC

دستخط
سپروائيزر تپيدار
تعلقہ نوابشاهہ

دستخط
مختيارڪار (روينيو)
نوابشاهہ

INF/KRY:4828/2026

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ٽنڊو آدم لڳ مال گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪراچي کان پنجاب ويندڙ مال گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب 27 سالن جو يامين چشتي فوت ٿي ويو

اطلاع تي ريلوي پوليس لاش ڪڍائي تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ نوجوان مال گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي ريلوي اسٽيشن لڳ 27 سالن جو نوجوان ڪراچي کان پنجاب ويندڙ مال گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي ريلوي پوليس لاش ڪڍائي تعلقہ اسپتال پهچايو جتي سنڌس سڃاڻپ ٽنڊوآدم جي غوثيه مسجد لڳ رهندڙ يامين ولد عبدالستار چشتي جي نالي سان ٿي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: عوامي تحريڪ اڳواڻ ضلعي ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ: سالار خانزاده ۽ صدرالدين ٽوناري وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو

نبيرو سيد زين شاهه جي سرپرستي ۾ امداد شاهه هائوس مجيد ڪيريو ۾ ٿي گذريو

نوجوان تي تشدد جي الزام ۾ شيري سولنگي ۽ ثاقب ملڪ ڏوهي قرار، پنج لک رپيا ڏنڊ مقرر

صدرالدين ٽوناري کي جيل مان آزاد ٿيڻ بعد ساڪ ڏيڻ جو حڪم، ٻي صورت ۾ مٿس پنج لک ڏنڊ لاڳو ٿيندو

سڪرنڊ(رپورٽ: قاضي جاويد سنائي) سالار خانزاده ۽ صدرالدين ٽوناري وچ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو ايس يو پي جي سربراهه سيد زين شاهه جي سرپرستي ۾ امداد شاهه هائوس مجيد ڪيريو تي امير علي ٿيبو ۽ ڊاڪٽر زين پلو جي موجودگيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ خانزاده برادري ۽ ٽوناري برادري جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين خالي جاين تي ڀرتين لاءِ اشتهار جاري ڪرڻ جون هدايتون

ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ رڪروٽمينٽ ڪميٽي جو اجلاس

سمورن سرڪاري کاتن کي خالي جاين جا تفصيل جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪرڻ جي هدايت

نوشهرو فيروز(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ رڪروٽمينٽ ڪميٽي جو اجلاس، گريڊ 5 کان 15 تائين خالي جاين جا تفصيل جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪري اشتهار ڏيڻ جون هدايتون ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڀارتي جيل مان آزاد ٿيل بدين واسي مهاڻي جي آجيان لاءِ فشر فوڪ فورم جو وفد ڪراچي پهتو

مهاڻن جي خوشي ۽ ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ اسان جي ذميواري آهي: مهران علي شاهه

محبوب ملاح جي آزاديءَ تي سندس خاندان سميت پوري مهاڻي برادريءَ ۾ خوشيءَ جي لهر

بدين (ڊ ر) ڀارتي جيل مان آزاد ٿيل مهاڻي محبوب علي ملاح جي استقبال لاءِ پاڪستان فشر فوڪ فورم جو مرڪزي چيئرمين ڪراچي پهچي ويو ڀارتي جيل مان آزادي ماڻيندڙ بدين واسي مهاڻي محبوب علي ولد يوسف ملاح جو استقبال ڪرڻ ۽ وارثن حوالي ڪرڻ لاءِ پاڪستان

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيبرپختونخوا جي اعليٰ سطحي وفد جو وومين جيل ۽ جوونائل جيل حيدرآباد جو دورو

عورتن ۽ ٻارن کي مفت قانوني مدد، ڪائونسلنگ ۽ ٻين سهولتن بابت بريفنگ ڏني وئي

وومين ڪمپلينٽ سيل ۽ سيف هائوس جامشورو جي ڪارڪردگيءَ کي وفد پاران ساراهيو ويو

بدين (ڊ ر) خيبرپختونخوا جي اعليٰ سطحي وفد جو وومين جيل ۽ جوونائل جيل جو دورو عورتن ۽ ٻارن کي مفت قانوني سهولتون فراهم ڪرڻ بابت بريفنگ خيبرپختونخوا جي هڪ اعليٰ سطحي وفد وومين جيل ۽ جوونائل جيل حيدرآباد جو دورو ڪيو جنهن جي وفد کي جسٽس هب پاورڊ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سينارجا مان گذرندڙ سر ناليءَ ۾ پيون گندو پاڻي گهرن فصلن ۾ داخل، احتجاج

ڏيڍ سال کان سر ناليءَ جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب سر ناليءَ ۾ گند گاهه ڄمي ويو آهي: مظاهرين

سر نالو اوور ٽاپ ٿي گندو پاڻي رهائشي علائقن ۽ پوکيل فصلن ۾ داخل ٿي ويو آهي

ٺري ميرواهه(ن ع) سينارجا شهر مان گذرندڙ سر ناليءَ جي ... علائقن گهرن ۽ ڪپهه جي فصلن ۾ داخل ...

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5


ڪوٽڙي: رستي تي ڪوچ کي لڳل باهه جو ڏيک

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي اعليٰ سطحي وفد جو واٽر فلٽر پلانٽ جو دورو

فلٽر پلانٽ جي ڪارڪردگي، موجوده صورتحال ۽ مسئلن جو جائزو ورتو ويو

شهرين کي صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ... ڪمشنر حيدرآباد

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

قمبر: ڪنڀر پرسان زمين تي قبضي جي ڪوشش خلاف ڀٽي برادري جو احتجاج

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5


ڪراچي: پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو جي سالي جي چاليهي تي دعا گهري پئي وڃي

پنوعاقل ۾ استاد ۽ اديب محمد نواز پٺو جي ياد ۾ ٻن ڏينهن جو ڪتابي ميلو

تقريب ۾ ڊاڪٽر هري لال ٻاگيا، بيخود بلوچ، پرول ڪاڪو ۽ ٻين رٻن ڪٽي ميلي جو افتتاح ڪيو

ڪتابن کان دوري جي دؤر ۾ ڪتابي ميلا ڪتابن جي جياپي جو سبب آهن: مقرر

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ چانڊوڪي پبليڪيشن پاران استاد ۽ اديب محمد نواز پٺو جي ياد ۾ ٻن ڏينهن جو ڪتابي ميلو سنڌي ادبي سنگت سهڪار سان لڳايو ويو، ميلي جي پهرين ڏينهن جي شروعات مختصر افتتاحي تقريب سان ٿي، تقريب ۾ ڊاڪٽر هري

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڏاتو ڏاهڻ ايمبولينس گيس سلينڊر واقعي جون ٻه زخمي عورتون ڪراچي منتقل

ثمينه جوڻيجو ۽ نورجهان کي سول اسپتال مٺي مان آغا خان اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو ويو

مٺي(ڊ ر) ڏاتو ڏاهڻ جي ايمبولينس گيس سلينڊر واقعي ۾ زخمي ٿيل ٻن مڙ وائيف عورتن ثمينه جوڻيجو ۽ نور جهان کي سول اسپتال مٺي کان آغا خان اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سول سرجن مٺي مطابق ٻنهين زخمي عورتن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي پر سندن ضروري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5



مٺي: ڏاتو ڏاهڻ سانحي ۾ زخمي ٿيل مڊوائيوز کي ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي

ڪشمور پوليس ترقي ماڻيندڙ آفيسرن جي اعزاز ۾ پروموشن پننگ تقريب منعقد

تقريب دوران 40 هيڊ ڪانسٽيبلن کي ASI ۽ 22 اي ايس آءِ کي ايس آءِ جي عهدن تي ترقي ڏني وئي

پوليس آفيسرن جي ترقي سندن محنت ۽ ذميوارين ۾ واڌ جي عڪاسي آهي: ايس ايس پي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ضلعي ڪشمور پوليس ۾ آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ترقين جي سلسلي ۾ پروموشن پننگ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ترقي ماڻيندڙ پوليس آفيسرن جي حوصلا افزائي ڪئي وئي ۽ سندن پيشاورانه خدمتن کي ساراهيو ويو تقريب دوران 40 هيڊ ڪانسٽيبلن کي اسسٽنٽ سب

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ نامعلوم چور شهري جي گهر مان سون ۽ سامان کڻي فرار

نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي ساڍا چار تولا سون ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا: زوهيب جوڻيجو

پوليس مهينا جوابدار کي گرفتار نه ڪيو آهي، ۽ اڃا تائين سامان واپس نه ناهي ڪرايو

گمبٽ (ت ر) ميمڻ محلا مان گهر مان ساڍا چار تولا سون ۽ ٻيو سامان چوري، سي سي ٽي وي فوٽيجز سوشل ميڊيا تي وائرل پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ باوجود سامان واپس نه ڪرائي سگهي، گمبٽ جي ميمڻ محلي ۾ نامعلوم چور شهري زوهيب جوڻيجو جي گهر مان ساڍا چار تولا سون جا

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، ٻه چڪڙا رڪشا چوري، احتجاج

نامعلوم چور رينجرز ڪالوني پرسان ممتاز شيخ جي گهر مان ٻه رڪشا چوري ڪري فرار

ايس ايڇ او ماٿيلو جي نااهلي سبب شهر ۾ چورين ڦورن معمول بڻجي ويون آهن: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ بد امني جي باهه ٿي ضابطو نه اچي سگهيو رينجرس ڪالوني پرسان رهندڙ ممتاز شيخ جي گهر مان نامعلوم چور ٻه چڪڙا رڪشا ڪاهي فرار شيخ برادري جو جستقم اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڏرڻو فوري طور تي جوابدار گرفتار

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۾ جوٽا برادري جو قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

پنج مهينا اڳ حاجي ميرل جوٽو کي قتل ڪيو ويو پر جوابدار گرفتار نه ٿيا: مظاهرين

پوليس ٻن جوابدارن کي گرفتاري ڪري ٽئين جوابدار کان رشوت وٺي ڇڏي ڏني انصاف ڪيو وڃي

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد لڳ ڳوٺ جادو جوٽو واسي جوٽا برادري جي مردن ۽ عورتن تقريبن 5 مهينا اڳ قتل ٿيل ڳوٺائي حاجي ميرل جوٽو جي قتل ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ تعلقي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي،ان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: مهر علي شاهه ڪالوني واسي بجلي جي بندش خلاف احتجاج ڪندي

ڏگهڙي ۾ ريلوي جي زمين تي حد دخلين خلاف آپريشن، دڪاندارن جو احتجاج

حد دخلين هٽائڻ کان اڳ ڪين ڪنهن به قسم جو نوٽيس يا اڳواٽ اطلاع نه ڏنو ويو: مظاهرين

ريلوي جي حدن اندر قائم گهرن، دڪانن ۽ ٻين اڏاوتن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وڃي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي شهر جي ٽنڊو جان محمد روڊ تي ريلوي جي حدن اندر قائم غيرقانوني اڏاوتن ۽ حد دخلين خلاف ڪارروائي ريلوي آفيسر وسيم راڄڙ جي سربراهي ۾ ڪئي وئي، جنهن دوران ريلوي پوليس پڻ موجود هئي آپريشن دوران حد دخليون هٽائڻ لاءِ کهاڙين هٿوڙن ۽ ٻين

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سڄاول ۾ ايس ٽي پي جو "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ جلسو

سڄاول پبلڪ پارڪ وٽ ٿيل جلسي ۾ ايس ٽي پي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت

سنڌ کي ٽن صوبن جي ناليءَ تي ورهائڻ جون ڪوششون قبول نه ڪنداسين: ڊاڪٽر قادر مگسي

29 نومبر تي ڪراچيءَ ۾ لکين ماڻهن کي گڏ ڪري "سنڌ منهنجي امان" جو نعرو هنيو ويندو

سڄاول (ڊ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) پاران "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ سڄاول پبلڪ پارڪ وٽ جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پارٽيءَ جي سوين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي جلسي کي ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جو وجود

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر قتل ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو

جسٽس سريش ڪمار جي سنگل بينچ ذاڪر الدين ميمڻ ۽ قائم الدين ميمڻ کي بري ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ جي هدايت تي شاهدين ۽ ثبوتن جو ڀيهر جائزو وٺڻ بعد هاءِ ڪورٽ پاران فيصلو ٻڌايو ويو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر قتل ڪيس جي ٻن جوابدارن کي بري ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي، خبرموجب سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس سريش ڪمار جي سنگل بينچ ڪرمنل اپيل 221/2017 تي ٻڌائي ڪئي عدالت ۾ جوابدار ڌر جو وڪيل شيراز فضل اويسي ۽

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5


سڪرنڊ: ايس يو پي صدر زين شاهه احتجاج ڪندڙن سان ڳالهائي رهيو آهي

ڏل پرسان روڊ حادثي ۾ ڪوٽ ... جي انصاري جي تعزيت

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ بدامني جي وڌندڙ واقعن خلاف واپاري اتحاد جو اجلاس

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5


ٺري ميرواهه: ڳوٺاڻا شاخن جي ڪاٽي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم ۾ مبينا پوليس مقابلو ڦر ۽ چورين ۾ ملوث هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ مبينه پوليس مقابلي دوران چورين ۽ موٽرسائيڪل ڦرجي وارداتن ۾ ملوث جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ...

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي پرسان نوجوان جي زهريلي دوا پي خودڪشي جي ڪوشش، اسپتال منتقل

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پرسان امب موري جي رهواسي نوجوان موٽو پٽ آچار پيل مبينا طور خودڪشي جي ارادي سان گهر ۾ پيل زهريلي زرعي دوا پي ڇڏي، جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ تعلقي اسپتال ڏگهڙي آندو ويو جتي اسپتال جي عملي پاران کيس فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي نوجوان جي والد موجب سندس پٽ جي ڇهه مهينا اڳ شادي ٿي هئي جڏهن ته نوجوان پاران زهريلي دوا پيئڻ جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي


ميرپور ماٿيلو: سياسي سماجي ڌرين پاران بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

روهڙي ۾ پوليس ڪارروائي، ڪرسٽل آئس هٿ، جوابدار کي گرفتار

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي ۾ ايڪسائيز اينٽي نارڪوٽڪس پوليس جي وڏي ڪارروائي هڪ ڪلو 800 گرام ڪرسٽل آئس هٿ، جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو برآمد ٿيل منشيات جي بين الاقوامي مارڪيٽ جي قيمت لڳ ڀڳ 30 ملين رپيا ٻڌائي پئي وڃي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي صوبائي وزير جي حڪم تي منشيات فروشن ۽ اسمگلرن خلاف ڪارروائي جاري آهي اي اي ٽي او قمرالدين سيال تفصيل موجب ايڪسائيز اينٽي نارڪوٽڪس پوليس روهڙي سرڪل کي مليل اطلاع تي نيو بس اسٽينڊ ويجهو ڪارروائي ڪئي جتان جوابدار صابر حسين ولد آغا جان کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سندس قبضي مان 1800 گرام ڪرسٽل آئس هٿ ڪيو ويو گرفتار جوابدارن خلاف نارڪوٽڪس پوليس اسٽيشن روهڙي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: غلام مرتضيٰ جتوئي خلاف ٻن ڪيسن جي ٻڌڻي 17 نومبر تائين ملتوي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ اڳوڻي وفاقي وزير غلام مرتضيٰ جتوئي تي داخل دادو جي اميناڻي ٿاڻي جي چرچ واري ڪيس ۽ مورو ٿاڻي تي داخل بلاول زرداري قتل ڪيس جون ٻڌڻيون دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ ٿيون جنهن ۾ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي پنهنجي وڪيلن جي ٽيم سان گڏ پيش ٿيو جتي ساڻس گڏ سندس ڀاءُ اڳوڻي صوبائي وزير مسرور خان جتوئي به موجود هيو عدالت وڪيلن جا

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ مبينا پوليس مقابلو 30 لک رپيا انعام يافتہ ڌاڙيل مارجي ويو

سانگي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿيو، ٻنهي ڌرين جي فائرنگ ۾ عبدالقادر جاگيراڻي مارجي ويو

مارجي ويل ڌاڙيل پاڪستان رينجرز تي حملي، اهلڪارن جي شهادت، اغوا، ڀتاخوري سميت سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو: پوليس

ڌاڙيل عبدالقادر عرف قادرو جاگيراڻي وٽان هڪ ڪلاشنڪوف پڻ هٿ ڪئي وئي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ رات دير سان مبينا پوليس مقابلي دوران 30 لک رپيا انعام يافتہ ڌاڙيل عبدالقادر عرف قادرو جاگيراڻي مارجي ويو سانگي ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينا مقابلو پيش آيو جنهن دوران ساٿين جي فائرنگ ۾ 30 لک رپيا انعام يافتہ ڌاڙيل عبدالقادر عرف قادرو جاگيراڻي مارجي ويو پوليس موجب مارجي ويل ڌاڙيل پاڪستان رينجرز تي حملي، پوليس اهلڪارن جي شهادت، اغوا، ڀتاخوري سي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: عالمي ثقافتي ميلي ۾ فنڪار راڳ ٻڌائي رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ ۾ شهرين جي خدشن تي غور لاءِ "ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم" جو انعقاد

فورم ۾ شهرين، استادن، هيلٿ پروفيشنلز، بلدياتي نمائندن ۽ سول سوسائٽي ميمبرن جي شرڪت

شرڪت ڪندڙن پنهنجن تجربن جو تبادلو ڪيو، خدمتن جي فراهمي ۾ درپيش چيلينجز جي نشاندهي ڪئي

فن مشق جو مقصد مسئلا اجاگر ڪندي احتساب جي عمل کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ آهي: اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) عوامي خدمتن بابت شهرين جي خدشن تي غور لاءِ ڪنڌڪوٽ ۾ "ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم" جو انعقاد ڪنڌڪوٽ ايٽ ڪشمور ۾ سيڪيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (CNBA)جي پارٽنر تنظيم تعمير ڊوليپمينٽ آرگنائيزيشن جي ڪوشش سان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ هٿيارٻندن پاران ڏيڍهن ڏلي جو واپاري کان مبينا 3 لک رپيا ڦر، ڪيس داخل نه ٿيڻ احتجاج

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ ويجهو ڪنڊو شهبازي پل وٽ 3 موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن ڳوٺ لعل بخش جتوئي جي رهواسي زميندار نظر محمد جتوئي کان مبينا طور 3 لک روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا، واقعي خلاف متاثر زميندار نيشنل پريس ڪلب پهچي سخت احتجاج ڪيو جنهن بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي نظر محمد جتوئي دانهيندي ٻڌايو ته هو پوسي آراضي سان واپارين کان ڦتين جا 3 لک

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو ڊي ايڇ او بدين جو عهدو سنڀالي ورتو

بدين ۾ صحت جي شعبي کي بهتر بڻائڻ سندس پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي: ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو

پوليو جي خاتمي واري مهم تي خاص ڌيان ڏنو ويندو، ڪو به ٻار ڦڙن کان محروم نه رهڻ گهرجي

بدين (ڊ ر) بدين ۾ ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو ڊي ايڇ او جو عهدو سنڀالي ورتو صحت جون سهولتون بهتر بڻائڻ ۽ پوليو مهم تي خاص ڌيان ڏيڻ جو اعلان ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو کي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (ڊي ايڇ او) بدين مقرر ڪيو ويو آهي جن پنهنجي عهدي جو چارج سنڀالڻ سان گڏ سرڪاري

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو پرسان منشيات جو آزار وڌي ويو، جوڻيجو برادري جو احتجاج

منشيات جو آزار وڌي رهيو آهي، نوجوان نسل تباهي جي ور چڙهي رهيو آهي: مظاهرين

آءِ جي سنڌ، گهرو وزير نوٽيس وٺي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون ڪرائين

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو پرسان ڪنڊيارو ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ منشيات جي آزار خلاف جوڻيجو برادري جو ڪمال ديرو پريس ڪلب اڳيان احتجاج، منشيات جي عادي نوجوان جي علاج ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪمال ديرو پرسان ڪنڊيارو ٿاڻي جي حد ڪموڙ چونڪ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5


نوشهرو فيروز: اين پي پي سربراهه مرتضيٰ جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي

گمبٽ لڳ ٽريڪٽر ٽراليءَ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، ٻارڙو فوت

سوڀوديري ۾ وقار هوٽل سامهون ٽريڪٽر ٽراليءَ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ وحيد اوڍو جو معصوم پٽ ٽريڪٽر ٽراليءَ هيٺيان اچي فوت ٿي ويو

حادثي سبب علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ ٽريڪٽر ٽراليءَ جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر معصوم ٻارڙو فوت، لاش ماءُ جي سامهون دم ڏئي حوالي ڪيائين گمبٽ لڳ سوڀوديري ۾ وقار هوٽل سامهون هڪ افسوسناڪ ٽريفڪ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5


گمبٽ: حادثي ۾ فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش والدين کڻي وڃي رهيا آهن

سکر پوليس جون جوا ۽ اڪڙا پرچي خلاف ڪارروايون، 8 ڇٽا گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ غير قانوني جوا ۽ اڪڙا پرچي جي ڪاروبار خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن پوليس اسٽيشن اي سيڪشن پوليس ڊاڪ روڊ تي واقع ٽين ڊبا مارڪيٽ ۾ اڪڙا پرچي جي بيس تي ڇاپو هڻي 8 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هزارين رپيا روڪ رقم اڪڙا سلپ جا چار ڊبا ۽ ٻه موبائيل فون هٿ ڪري جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو اڪڙا پرچي جو غير قانوني ڪاروبار هلي رهيو هو ڪارروائي دوران موقعي تان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ 1300 ايڪڙ زمين تي هيلٿ سٽي قائم ڪئي پئي وڃي: ڊائريڪٽر گمس

هيلٿ سٽي گمبٽ ۾ طبي اوزارن ۽ سامان جي تياري جو هڪ وڏو صنعتي مرڪز قائم ٿيندو

سٽي ۽ اڳ سٽي طرح گهٽ ۾ گهٽ ٻه کان ٽي لک ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا

گمبٽ (رپورٽر مريد حسين ڪاٺوري) گمبٽ ۾ 1300 ايڪڙ زمين تي هيلٿ سٽي قائم ڪئي پئي وڃي، جتي دنيا جون جديد ترين سهولتون ميسر هونديون ميڊيڪل ڪاليجن يونيورسٽيون ڊاڪٽرن ۽ جديد طبي مشينري تيار ڪندڙ ڪارخانا قائم ڪيا ويندا، فائيو اسٽار هوٽلن به تعمير ڪيون وينديون

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول هنگورجا ۾ وڻڪاري مهم جو آغاز

هنگورجا (ن ع) هنگورجا گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول هنگورجا ۾ سينيئر پرنسپال سائين منظور احمد ڪلاڙ صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ وڻڪاري مهم جو آغاز ڪيو ويو وڻڪاري مهم دوران مختلف قسمن جا ٻوٽا پوکيا ويا، جن ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ قتل ٿيل غلام ياسين جي وارثن وٽ ميڙ منٿ قافلو پهتو

معزز شخصيتن پاران مقتول جي وارثن سان ملاقات ڪري معاملي جي نبيري لاءِ منٿون

مقتول جا وارث فيصلي لاءِ راضي، ڪجهه ڏينهن اندر فيصلي لاءِ تاريخ مقرر ڪئي ويندي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ ڳوٺ صابو خان چاچڙ ۾ 6 مهينا اڳ قتل ٿيل غلام ياسين جي وارثن وٽ ميڙ منٿ قافلو پهچي ويو وارث فيصلي لاءِ راضي ٿي ويا، ڳوٺ صابو خان چاچڙ ۾ 6 مهينا اڳ قتل ٿيل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سڄاول: مريد ڪوسو هاءِ اسڪول جا معطل ٿيل چارئي استاد بحال

شيراز، پون، علي اڪبر ۽ ڪاشف کي ساڳئي اسڪول ۾ مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري

احتجاجي تحريڪ بعد استادن جي بحالي، سپرنٽينڊنٽ راڄ ڪمار کي فوري بدلي ڪرڻ جو حڪم

سڄاول(ڊ ر) مريد ڪوسو هاءِ اسڪول جي چئن معطل ٿيل نوجوان استادن کي سرڪاري نوڪريءَ تي بحال ڪري ساڳئي اسڪول ۾ اصل پوسٽنگ واري جاءِ تي مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڊي اي او آفيس سڄاول ۾ مقرر سپرنٽينڊنٽ راڄ ڪمار کي بدلي ڪري

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5


ٽنڊو آدم: مال گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش

آفيس آف دي
ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر
ڊسٽرڪٽ جيڪب آباد

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جيڪب آباد طرفان اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي، FBR / SRB (جيڪو به لاڳو ٿئي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙن جي فهرست ۾ شامل سپلائرز / فرمز / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / مجاز ڊسٽريبيوٽرز کان، مالي سال 27-2026 ۽ 28-2027 لاءِ ADP اسڪيم نمبر 835 (ڳوٺ دائو-جهانپور، تعلقي ڳڙهي خيرو، ضلعي جيڪب آباد ۾ رورل هيلٿ سينٽر (RHC) جي تعمير تحت طبي سامان، مشينري، اوزار ۽ فرنيچر / فڪسچرز جي فراهمي لاءِ اي-آچون گهرايون وڃن ٿيون. اهو عمل ضابطو-46(2) هڪ مرحلي تي ٻه لفافي تحت ٿيندو. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي ٻڌل واڪ دستاويز هن ويب https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تان ڏسي / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا:

اليڪٽرانڪ آچون صرف EPADS ذريعي جمع ڪرايون وڃن. دستي (مينوئل) آچون قبول نه ڪيون وينديون. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ لاءِ ضروري آهي ته اليڪٽرانڪ آچون جمع ڪرائڻ لاءِ هن لنڪ https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration تي EPAD سسٽم ۾ پاڻ کي رجسٽر ڪرائين:

واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن موجب تيار ڪيل آچون 30-11-2026 تي صبح 11:00 وڳي تائين EPADS تي جمع ڪرايون وڃن. ٽينڊر في جا اصل دستاويز رپيا -/3,000 ۽ quoted ڪيل شين جي سامهون ڄاڻايل مقرر بڊ سيڪيورٽي، اي-آچ جمع ڪرائڻ جي آخري وقت کان اڳ خريداري ڪندڙ اداري کي پهچڻ گهرجي. اي-آچ ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي فاطمہ انجنيئر آڊيٽوريم، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي (JSMU)، ڪراچي ۾ کوليون وينديون.

نوٽ:-

- اي-آچ بابت ڪنهن به پڇا ڳاڇا لاءِ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جيڪب آباد سان هن نمبر 0300-8314750 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- جيڪڏهن حڪومت ڪنهن عام موڪل يا ڪنهن ناسازگار حالتن جو اعلان ڪري ته ٽينڊر / آچون اينڊڙ ڪم واري ڏينهن، ساڳئي هنڌ ۽ ساڳئي وقت تي جمع ڪرايون ۽ کوليون وينديون.
- پروڪيورنگ ايجنسي SPP رولز 2010 جي لاڳو شقن تحت ڪنهن به / سڀني آچن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ڪنهن به ڏکيائيءَ جي صورت ۾ ممڪن واڪ ڏيندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن / ڪلاڪن دوران EPADS هيلپ لائين 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر
ڊسٽرڪٽ جيڪب آباد

WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT — INF/KRY/4897/26

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-60-4681-342507643-2026	FUMIGATION SERVICES	16.11.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PEnFD-342715245-2026	BULLET PROOFING OF VEHICLES FOR BETTANI FR LAKKI MARWAT, KPK	16.11.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-FB-CB-DRLG-342509890-2026	KELLY COCKS (VALVES)	23.11.2026 AT 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-DKN-341724561-2026	PRESSURE AND TEMPERATURE TRANSMITTERS	03.12.2026 AT 1430 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **03.10.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FB-CB-PEnFD-339293401-2026	SUPPLY OF CS COATED PIPELINE 6 INCH SCH 120	12.11.2026 AT 1430 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. This Tender Notice is available on **PPRA website at www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 269/21

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.